# ٻال ڀارتي

## درجو ٽيون

## سِنڌِي



Tele MANAS
National Tele Mental Health Programme
14416

# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

**Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)**

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريہ مانسڪ صحت ڪاريہ ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪز پاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راجيہ ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريہ ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 24 x 7 گڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هٻڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي بہ مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريہ شئشڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

هي درسي ڪتاب راڄيہ شئڪشڻڪ سنشوڌن ۽ پرشڪشڻ پريشد، پڻي طرفان تيار ڪيل اَڀياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي چڪاس ڪئي وئِي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس.ڊي.٤ تاريخ ٢٥-٤-٢٠١٦ موجب اِسٽاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ ١٣-٤-٢٠٢٦ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٦-٢٠٢٧ کان مختصر طور منظوري ڏني وئي آهي.



# ٻال ڀارتي

## درجو ٽيون

## سِنڌِي

٢٠٢٦

مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پر واري چؤڪٽ مان QR Code سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۾ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

پهريون ڇاپو : ٢٠٢٦ :

© مهاراشٽرراجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴١١٠٠۴.

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبہ ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪڍي نٿو سگهجي.

**سنڌي ڀاشا سمتي**

شري اَشوڪ ڪملداس مڪتا، سڀاپتي

شري وجيہ راجڪمار منگلاڻي، ميمبر

ڪماري راجيشري ڇينانند ٽيڪچنداڻي، ميمبر

ڊاڪٽر ڪاجل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر

ڊاڪٽر وندنا اَشوڪ رامواڻي ميمبر

ڊاڪٽر اَميت گووندرام رامچنداڻي، ميمبر

**سنيوجڪ :**

شريمتي ميران مهيش گدواڻي،

(وشيش اَڌڪاري سنڌي) (و.ڪا)

**سنيوجڪ سهايڪ :**

شريمتي گيتا گڻيش ٺاڪر

(ڪاپي رائيٽر، سنڌي)

**نرمتي :**

شريمتي مِتالي شِنپ (اِنچارج مکيہ نرمتي اَڌڪاري)

شري راجيندر پانڊلوسڪر (نرمتي اَڌڪاري)

**جائزو ڪندڙ :**

شريمتي ڪومل سڪواڻي (چڪاس ڪندڙ)

شريمتي آشا چاندواڻي (قانوني ماهر)

**پرڪاشڪ :**

شري هيمنت بابر

(اِنچارج ڪنٽرولر)

پاٺيہ پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي-٢٥.

**ٽائيپ سيٽنگ :** سنتام ساڪي، ميران چاولا

**چترڪار :** شريمتي براجني ري

**ڪوَرپيج :** شري ياٽو باگالي

**ڪاغذ :** ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو

**پرنٽنگ آرڊر :**

**ڇاپيندڙ :**

## ماسترن لاءِ هِدايتون

- سڀ بيت، گيت، گانا، سُرتال ۽ اِشارن سان اَداڪاري ڪري ڇوايو. وري وري دُهرائڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل چترن، ڳالهين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرايو. سوال پُڇو ۽ وڌيڪ ڄاڻ ڏيو.
- جوڙا ملائڻ لاءِ هڪ جوڙو توهين مِلائي، سمجهائي ٻيا جوڙا ٻارن کي ملائڻ لاءِ چئو.
- گفتگوءَ لاءِ ٻہ ٻہ ٻارڀا گروپ ٺاهي پاڻ ۾ سوال پڇڻ جو اَڀياس ڪرايو. شاگردن کي سُهڻا اَکر لکڻ لاءِ همٿايو.
- اَلڳ الڳ وشين تي چرچا ڪرائي، پنهنجا ويچار پخٽائيءَ سان پيش ڪن، اِن ڳالهہ کي همٿايو.
- نوان نوان لفظ، اُنهن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڏسي، اُنهن جا جملا تيار ڪرايو جيئن شاگردن جو لفظي خزانو وڌي.
- اَکر جوڙي لفظ ٺاهڻ، لفظ ڪم آڻي جملا ٺاهڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- لئبرريءَ مان نيم سان ڪتاب وٺي پڙهڻ لاءِ چاهہ پيدا ڪريو.
- اَلڳ الڳ وشين تي نيٽ ذريعي، ڪتابن ذريعي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري، اِن لاءِ مدد ڪريو ۽ ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- سکڻ سيکارڻ وڌيڪ اَثرائتو ڪرڻ لاءِ شاگردن کي وچ وچ ۾ رانديون، چرچا، پروليون سلڻ وغيرهہ جهڙيون مشغوليون ڪرايو.
- اَلڳ الڳ چٽاپيٽين جو آيوجن ڪري اُن ۾ شاگردن کي ڀاڱ وٺڻ لاءِ همٿايو.
- خاص ضرورت هوندڙ ٻارن لاءِ سکڻ - سيکارڻ جي پرڪريا وقت اِشارا ٻولي (Sign Language) ائين ٻيو ڪو پورڪ سيکارڻ جو طريقو ڪم آڻيو جيئن اُنهن تائين مواد چڱيءَ طرح پهچي سگهي. خاص ضرورت هوندڙ ٻارن کي جنهن طريقي سان ممڪن هجي اُن طريقي سان ظاهر ٿيڻ جو موقعو ڏيو جيئن اُنهن جا رد عمل توهين حاصل ڪري سگهو. اَلڳ اَلڳ مشغولين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرايو، سوال پڇو، ڄاڻ ڏيو.
- شاگرد مزي ۽ چاهہ سان هر مشغوليءَ ۾ ڀرو وٺي ۽ اُنجو سکڻ آنند دايڪ ٿئي اَهڙو واتاورڻ نرماڻ ڪري سيکاريو.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڏراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ ڇويهين نومبر، ۱۹۴۹ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

### ڀارتيہ سنوڌان

### باب - چوٿون اَلف

### بُنيادي فرض

قلم 51A

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي ترانې، آدرشن ۽ سنستا جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جِن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساھہ ڦوڪيو، اُنهن جي سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اَکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شانداروَرثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلھہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلھہ، جاچ جوُچ ۽ سُڌاري جي ڀاوناکي اَهميت ڏيندو.

(ث) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٺ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جنهن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هُجي.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَت ڀاڳِيہ وِڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀ آشِيس مانگي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارَت ڀاڳِيہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتِگيا

’ڀارت مُنهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائرءِ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي اِنجي شاندارءِ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سڀنِي بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئِي منهنجو سُک سمايل آهي.‘

درجي ٽئين جي شاگردن کي سال جي اَندرگهٽ ۾ گهٽ مٿي ڏنل علمي حاصلات پوري ڪرڻ ضروري آهي. علمي حاصلات جي پرم ۾ ڏنل صفحہ نمبر ڪانسواءِ ٻين صفحن تي پڻ علمي حاصلات ٿِي سگهي ٿِي.

- ٽرنگي جهنڊي جا رنگہ جيڪڏهن مناسب نہ هُجن تہ اُهي تڪنيڪي ڪارڻ سبب ٿِي سگهن ٿا.

★ درسي ڪتاب ۾ واپرايل نِشانيون ★


اَڇو تہ پڙهون


اَڇو تہ لِکوُن


اَڇو تہ ٻُڌوُن


اَڇو تہ ڳايوُن


سائين لئنگويز


اَڇو تہ رنگہ ڀَريوُن


اَڇو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون


اَڇو تہ سکون


ماسترن لاءِ

# علمي حاصلات

| لياقت | علمي حاصلات | صفحي نمبر |
|---|---|---|
| ١ | خيالن کي هڪجهڙائي سان سمجهڻ ۽ گفتگو ڪرڻ لاءِ مرڪبي جُملن جو استعمال ڪندي ٻوليءَ جو وڪاس ڪرڻ. | ٦، ٥٧، ٧٧ |
| ١.١ | الڳ الڳ وشين تي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٥ کان ٦ جملا ٻڌائي ٿو. | ٣٣، ٥٧، ٧٧ |
| ١.١.١ | الڳ الڳ حالتن ۾ سوچي سمجهي گفتگو ڪري ٿو. | ١، ٦، ٢١، ٤٥ |
| ١.١.٢ | آزمودو آيل گهٽنا، واقعي، موقعي لاءِ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ٻين سان گفتگو ڪري ٿو. | ٦، ١٣، ٣٦، ٥٨، ٥٩ |
| ١.١.٣ | جيئن واقعن ۽ حالتن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ٿئي، تنهن لاءِ ڇا هو ٻين سان چرچا ڪري ٿو. | ١٣، ٣٢، ٧٨ |
| ١.٢ | ڪلاس ۾ پڙهيل مواد کي سمجهي ٿو ۽ خلاصو ڪري ٿو پاڻ ٻڌائي ٿو. | ٥، ٩، ١٦، ١٩، ٨٨ |
| ١.٢.١ | ڪلاس ۾ الڳ الڳ وشين ۽ مواد جو مکيه خيال بيان ڪندو آهي. | ٦، ٩، ١٣، ٢١، ٧٨ |
| ١.٢.٢ | مذڪور جي مکيه خيال / وشيه کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ ٦ کان ٨ جملن ۾ ٻڌائي ٿو. | ٦، ١٣، ٢١، ٢٧، ٨٠ |
| ١.٢.٣ | پڙهيل سوال ۾ متن / مذڪور جو خلاصو / معنيٰ بيان ڪريو. | ٨، ١٩، ٢٢، ٢٧، ٣٩، ٥٧، ٦٧، ٧٨ |
| ١.٣ | الڳ الڳ نمونن جي ڳالهين جو زباني طور پيش ڪري ٿو. مثال شيءِ ڊيڪاري ٻڌائڻ. شپ ڪامنائون ڏيڻ. ننڍي پروگرام جو سوترسنچالن (Anchoring) ڪرڻ، ننڍا ڀاشڻ ڏيڻ، ڪلاس ۾ بحث مباحثي ۾ ڀاڱه وٺڻ. | ١٩، ٢١، ٤٩ |
| ١.٣.١ | ڊيڪاريل، ڏٺل شيءِ، چترڏسي اُن بابت ٣ کان ٤ جملن ۾ ڄاڻ ڏئي ٿو. | ٢١، ٤٩، ٦٧ |
| ١.٣.٢ | الڳ الڳ ڪاريڪرم بابت پنهنجي ٻوليءَ ۾ شُپ ڪامنائون ڏئي ٿو. | ٣٦، ٣٨، ٤٩ |
| ١.٣.٣ | ڪلاس جي سطح تي الڳ الڳ ڪاريڪرمن ۾ ڀاڱ وٺي ٿو. | ٦٣، ٧٣، ٨٢، ٨٧ |
| ١.٣.٤ | الڳ الڳ ڪاريڪرمن تي الڳ الڳ وشين تي تقرير ڏئي ٿو. | ٥١، ٥٥، ٦٩ |
| ٢ | الڳ الڳ نموني جا سچاتل ۽ اڻسچاتل مذڪور سمجهڻ. اِهي مذڪور (گديه پديه) سمجهڻ سان گڏ پڙهڻ جي لياقت جو وڪاس ڪريو. | ٣٢، ٣٧، ٤٦، ٥٤، ٦٧، ٧٣، ٨٤، ٨٥ |
| ٢.١ | الڳ الڳ مذڪور کي سمجهڻ لاءِ سميه سميه تي الڳ الڳ مشغوليون ڪري ٿو، انداز لڳائڻ، چرچا ڪرڻ، اڪٽيون لڳائڻ وغيره | ٧، ١١، ١٦، ٢٩، ٣٥، ٣٨، ٤٦، ٥٤، ٦٩، ٨٧ |
| ٢.١.١ | سچاتل، اڻسچاتل مذڪور جي لفظن (جوڙ اکر لفظ) سوَلا لفظن وارا ٣ کان ٥ جملا چوندي پڙهي ٿو. | ٨٧ |
| ٢.١.٢ | مذڪور پڙهڻ وقت چتر لفظ، مورت، نظارو (Scene) اِنهن کي لاڳاپو رکي معنيٰ ٻڌائي ٿو. | ١٩، ٤٩، ٧٣، ٨٤ |
| ٢.١.٣ | پڙهيل ننڍڙي واقعي / مذڪور / متن جي معنيٰ پنهنجي ٻوليءَ ۾ ١ - ٢ جملن ۾ ٻڌائي ٿو. | ٥٠، ٥٣، ٥٧، ٧٠ |
| ٢.١.٤ | اڻ سچاتل مذڪور (گديه) ۾ لفظن لاءِ ڄاڻيندڙ ٻوليءَ ۾ متبدل لفظ ٻڌائي ٿو. | ٢٧، ٣٦، ٥٧ |
| ٢.١.٥ | مذڪور جو مواد، نياپو سمجهي ٿو ۽ ٻڌائي ٿو. | ٣٦، ٦٣، ٧٠، ٨٠، ٨٤ |
| ٢.٢ | مکيه ڪلپنا / مقصد سمجهي ٿو ۽ پڙهيل ساهتيه مان ضروري نتيجو ڪڍي ٿو. | ١٦، ٢٩، ٣٠، ٤٥، ٥٨، ٧٣، ٨٠، ٨٢، ٨٧ |
| ٢.٢.١ | ڪتاب ڪانسواءِ ٻيو مذڪور (ٻال ساهتيه، سماچار پتر جي خبر، سوچنا بورڊ) اِنهن کي سمجهه سان پڙهي ٿو. سچاتل، اڻ سچاتل لفظن جي يادي / لِسٽ ٺاهي ٿو. | ١، ٣٦، ٣٩، ٤٣، ٥٣، ٥٧، ٦٧، ٧٨، ٨٢ |
| ٢.٢.٢ | گڏجي ڪري پڙهڻ واري مشغولي ۾ ڀاڱه وٺي ٿو. | ١٣، ٢٢، ٥٧، ٦٧، ٧٨ |
| ٢.٢.٣ | آکاڻي، ڪويتا يا ٻين ساهتيه جي قسمن جي مذڪور کي سمجهي ٿو ۽ ان ۾ پنهنجي ڄاڻ پڻ ڏئي ٿو. | ١، ٦، ٨، ١٣، ١٩، ٢٢، ٤٣، ٥٣ |

| لياقت | علمي حاصلات | صفحي نمبر |
|---|---|---|
| ۳ | سمجهه ۽ آزمودو ظاهر ڪرڻ لاءِ سؤلي ۽ گڏيل جملن جي رچنا لکڻ جي لياقت جو وڪاس ڪري ٿو. | ۷، ۲۵، ۲۹، ۵۰، ۶۳ |
| ۳.۱ | لکڻ، ڪاريه نيتي ڪم آڻي ٿو. مثال سِلسلو ٺاهڻ، سِرو، اُپ سِرو وغيرهه سڄاڻڻ ۽ ٽڪر تيار ڪري ٿو. | ۲۵، ۲۹، ۸۲ |
| ۳.۱.۱ | لکڻ جي نيمن انوسار جملا ٺاهڻ، سلسلو سمجهڻ ۽ جملا تيار ڪرڻ. | ۶، ۷، ۲۹، ۵۳، ۶۳ |
| ۳.۱.۲ | شاگرد پڙهيل پاٺ جي گهٽنا جو سلسلو صحيح نموني لکي ٿو. | ۲۲، ۸۴ |
| ۳.۱.۳ | مذڪور جو سِرو، اُپ سِرو سڃاڻي لکي ٿو. | ۷۱ |
| ۳.۱.۴ | پنهنجي آزمودي جو سلسلو ٺاهي لکي ٿو. | ۲۵، ۲۸، ۲۹، ۵۰ |
| ۳.۲ | ڏنل وشيه جو مذڪور، خيال، مواد، سمجهه ظاهر ڪرڻ لاءِ چئو ۽ سُسنگت (يوگيه) ٽڪر لکي ٿو. | ۱۴، ۱۶ |
| ۳.۲.۱ | پڙهيل مذڪور ۾ ڏنل وشيه تي پنهنجي ڀاشا ۾ سٺي نموني ۵ کان ۶ سؤلي جملن ۾ لکي ٿو. | ۸۷ |
| ۳.۲.۲ | ڏنل وشيه تي پنهنجي ڀاشا ۾ سٺي نموني ۵ کان ۶ سؤلي جملن ۾ لکي ٿو. | ۶، ۴۵ |
| ۳.۳ | پِت تي چپيل پنن، هٽ سان لکيل، نيند، ڪويتا ۽ گفتگو وغيره لکي ٿو. | ۲۰، ۵۹، ۶۳، ۷۰، ۷۵ |
| ۳.۳.۱ | الڳ الڳ سُنا ويچار، سُنا وچن ڏسي لکي ٿو. | ۴۳، ۷۳، ۸۲ |
| ۳.۳.۲ | پديه (نظم) مذڪور جي هم آوازي لفظ لکي ٿو. | ۱، ۸، ۳۰، ۴۳، ۶۳، ۸۲ |
| ۳.۳.۳ | پنهنجا آزمودا پنهنجي ٻوليءَ ۾ ۵ کان ۶ جملن ۾ لکي ٿو. | ۴، ۱۶، ۲۱، ۲۵، ۶۵، ۸۴ |
| ۳.۴ | لکڻ ۾ وياڪرڻ جي خيال کان مناسب لفظن جي رچنا، جملن جي رچنا ڪم آڻي ٿو. | ۱، ۱۸، ۳۶، ۶۷ |
| ۳.۴.۱ | لفظن ۾ مناسب مفاصلو رکي ٻيهڪ جي نشانين سان جملا ڏسي لکي ٿو. | ۱۸، ۶۷ |
| ۳.۴.۲ | ٺهڪندڙ ٻيهڪ جون نشانيون ڪم آڻي جملن جي رچنا ڪري ٿو. | ۱۸، ۳۲، ۴۵، ۴۸، ۵۲، ۶۰، ۸۴، ۸۶ |
| ۳.۴.۳ | اِسم، ضمير، جنس، عدد جو ويچار ڪري جملا لکي ٿو. | ۱۶، ۱۸، ۱۹، ۲۴، ۴۶، ۵۰، ۵۲، ۷۲، ۷۸ |
| ۴ | الڳ الڳ ذريعن، الڳ الڳ وشيه موجب (گهر ۽ اِسڪول جا آزمودا) وياپڪ لفظي خزانو حاصل ڪرڻ. | ۱۵، ۲۰، ۲۲، ۲۳، ۲۵، ۲۸، ۴۷ |
| ۴.۱ | هڪ لفظ جي الڳ الڳ معنيٰ ۽ هڪ معنيٰ جا الڳ الڳ لفظ سمجهي ٿو. | ۳۱، ۶۱، ۷۶ |
| ۴.۱.۱ | هڪ لفظ جو ساڳيءَ معنيٰ وارو ٻيو لفظ ٻڌائي ٿو. | ۶، ۸، ۱۳، ۳۶، ۸۴ |
| ۴.۱.۲ | هڪ لفظ جي الڳ الڳ معنيٰ ڳولهي ٿو. | ۷۶ |
| ۴.۱.۳ | لفظ وستار ڪري ٿو. | ۸، ۷۰، ۸۷ |
| ۴.۱.۴ | سموچيه درشڪ ۽ لفظن جي گروهه مان لفظ ڳولهي ٻڌائي ٿو. | ۱۳، ۶۲، ۸۴ |
| ۴.۲ | الڳ الڳ چترراندين جي ماڌيم مان لفظن جو گڏ ڪرڻ جو وڪاس ڪرڻ لاءِ اُتسُڪتا ڏيکاري ٿو. (گڏيل اِسمن ۽ جملن بابت ڪجهه لفظ ڳولهيو ۽ ٻڌايو. | ۳۷، ۴۲، ۵۶، ۶۵ |
| ۴.۲.۱ | الڳ الڳ حالت ۽ تصويرن کي بيان ڪرڻ لاءِ لفظ استعمال ڪري ٿو. | ۶، ۲۱، ۵۱، ۵۵ |
| ۴.۲.۲ | ٻوليءَ جي تصويري راند کيڏڻ دوران نوان لفظ استعمال ڪري ٿو. مثال : (لفظي پروليون، شبد ڪوش، هڪ اکر مان شروع ٿيندي لفظي پروليون) | ۱۹، ۲۲، ۲۳، ۲۸، ۶۵ |
| ۴.۳ | لوڪ ساهتيه (لوڪ ڪٿا، لوڪ گيت، لوڪ ڪلا) پڙهي اُن جي لفظ سنگرهه پراپت ڪري ٿو. مثال : سلوڪ | ۱۹، ۵۵ |
| ۴.۳.۱ | ٻه سٽا، ٽي سٽا گيت، بيت، سلوڪ مان ڪويتا جون سٽون پڙهي اُنهن جي اڻ سڃاتل لفظن جي معنيٰ ٻڌائي ٿو. | ۱، ۲۲، ۴۳، ۶۳ |
| ۴.۳.۲ | الڳ الڳ لوڪ ساهتيه جا سلوڪ، ٻه سٽا، ٽي سٽا، لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ گيت وغيره مان اڻ سڃاتل لفظ گڏ ڪن ٿا. | ۱، ۱۹ |

| لياقت | علمي حاصلات | صفحو نمبر |
|---|---|---|
| ۵ | پڙهڻ جو چاهه ۽ Priorties جو وڪاس ڪرڻ. | ١٣، ٢٢، ٣٢، ۴٠، ٧٧ |
| ۵.١ | پڙهڻ لاءِ لئبرريءَ مان نيم سان ڪتاب کڻي ٿو. | ١، ١٣، ٢٢،٣٢، ٣۴، ۴٠، ۴۴ |
| ۵.١.١ | اسڪول جي لئبرريءَ کي Visit ڪري ٿو ۽ لئبرريءَ جي سڃاڻپ ڪري ٿو. | ٣٢، ٣۴ |
| ۵.١.٢ | اسڪول جي لائبرريءَ مان ڪتاب وٺي نيم سان پڙهي ٿو. | ١٩، ٣٣، ٣٩ |
| ۵.١.٣ | پسنديءَ موجب الڳ الڳ آکاڻيون، ڳانا، اُنهن جا ڪتاب ڳولهي ٿو. | ١٩، ۴٠، ۴۴ |
| ۵.٢ | لائبرريءَ جا ڪتاب پڙهڻ جو چاهه ڏيکاري ٿو. | ٣٢، ٣٣، ٣۵، ٣٧ |
| ۵.٢.١ | ڪتاب جو مکيه پيج، پنيون پيج کي جاچي اُن وشيه جي چرچا ۾ ڀاڱه وٺي ٿو. | ٣٣، ٣۴، ٣۵ |
| ۵.٣ | اَخبارن جون Headlines سرخيون ۽ سِرو پڙهي ٿو. ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ چاهه ظاهر ڪري ٿو. | ٣٠، ٣٧ |
| ۵.٣.١ | اخبارن جي چترن کي ڏسي خبرن جي وشيه ٻڌائي ٿو. | ٣٦، ۴٠ |
| ۵.٣.٢ | اَخبارن جون Headlines پڙهي ٿو. | ١، ٣٦، ٣٧ |

## پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

نئون تعليمي سال شروع ٿيو آهي. توهانجي هٿن ۾ درجي ٽئين جو سنڌي ٻال ڀارتي درسي ڪتاب ڏيندي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

ٻارو توهان درجي پهرين ۽ ٻئين ۾ سنڌي سٺي نموني ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ سکيا آهيو. هاڻي توهان درجي ٽئين ۾ آيا آهيو. توهان سنڌي ٻال ڀارتي درجي ٽئين جو درسي ڪتاب ڏسڻ لاءِ اُتساهت هوندا. اُنهيءَ اُتساهه سان هي ڪتاب کوليو ۽ پڙهو. توهانکي ڏاڍو مزو ايندو.

هن درسي ڪتاب ۾ تمام وڻندڙ پاٺ، چترڪٿا، چتروَرنن ڏنل آهن. هي سڀ پڙهڻ وقت توهان اُن تي ويچار ڪندا، سوال پڇندا ۽ اُن جو آزمودو ٻڌائي سگهندا. هنن سڀني ذريعي توهانکي نيون نيون ڳالهيون سکڻ لاءِ مِلنديون. هن درسي ڪتاب جون ڪويتائون اَداڪاريءَ ۽ سُر تال ۾ ڳائڻ اَچڻ واريون آهن، اِهي ڪويتائون توهانکي اَڪيلي سرءِ توهانجي دوست / ساهيڙين سان ڳائڻ ۾ پڻ مزو ايندو.

هن درسي ڪتاب ۾ پاٺ، ڪوتا، چتر ورنن، چتر ڪٿا، الڳ الڳ ڏنل مشغوليون، رنگين، دلڪش ۽ ڳالهائيندڙ چتر توهانکي ضرور وڻندا. ڏنل چترن جي ڪري توهان کي ڪتاب ۾ آيل مذڪور چڱي وقت تائين ياد رهندو. ڪتاب ۾ ڏنل مشغوليون / اَيياس ذريعي توهان جي ڀاشا جو وڪاس ٿيندو ۽ لفظي خزانو پڻ وڌندو.

هن درسي ڪتاب جي ڪري توهان چڱيءَ طرح پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ سکندا. هڪ ٻئي سان آتم وشواس سان ڳالهائي سکندا. گهر، اِسڪول ۽ آس پاس ۾ سنڌي ڀاشا چڱيءَ طرح واپرائي سگهندا. شاگرد دوستو سنڌي پڙهو، سمجهو، ڳالهايو، لکو ۽ مزي سان سکو.

توهان جي تعليمي سفر لاءِ من سان تمام گهڻيون شُڀ ڪامنائون.

(اَنوراڌا اوڪ)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ۴.

پڻي

تاريخ : ١٩ اَپريل ٢٠٢٦

ڀارتيه سوريه تاريخ : ٢٩ ويساک ١٩۴٨، اَڪ ٽيج

# فهرست


| نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر | نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر |
|---|---|---|---|---|---|
| | پاڱو - ١ | | | پاڱو - ٣ | |
| (١) | پرارٿنا (بيت) | ١ | (١٢) | نِم جو وڻ | ٤٥ |
| (٢) | سياڻو لوُمڙ | ٤ | (١٣) | قومي ڏڻ | ٤٩ |
| (٣) | بادل (بيت) | ٨ | (١٤) | رَڪڙي (بيت) | ٥٣ |
| (٤) | پنهنج مِنٽ | ١٣ | (١٥) | هيرو ۽ ڪوئلو | ٥٧ |
| (٥) | ٽِنبڪي ڙي ٽنبڪي (بيت) | ١٩ | (١٦) | مون کي سيکار (بيت) | ٦٣ |
| نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر | نمبر | وشيہ | صفحہ نمبر |
| | پاڱو - ٢ | | | پاڱو - ٤ | |
| (٦) | تقرير چٽاپيٽي | ٢٢ | (١٧) | رائيگڙهہ جو سير | ٦٧ |
| (٧) | بهادر ڇوڪري | ٢٧ | (١٨) | سُندر سکيائون (بيت) | ٧٣ |
| (٨) | موچي (بيت) | ٣٠ | (١٩) | ٻار ۽ موبائيل | ٧٧ |
| (٩) | لئبرري | ٣٢ | (٢٠) | ننڍڙا پارتواسي (بيت) | ٨٢ |
| (١٠) | لالچ بُري بلا | ٣٩ | (٢١) | مان ڪري سگهان ٿو | ٨٤ |
| (١١) | ٽامي ڪُتڙو (بيت) | ٤٣ | (٢٢) | جادوگر (بيت) | ٨٧ |

# ١. پرارٿنا

پڙهو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



سَرسوتي ماتا وِديا جو دانُ ڏي،
مان پَڙهي وِدوانُ ٿِيان سو گيانُ ڏي.

وَندنا توکي ڪَريان مان وار - وار
توُن وِديا جِي آهين ديوي نِمِسڪارُ.

ويڻا وادِني ماتا تُنهنجي جَئہ جَئِڪارِ
هَنس تي آهين سَدائين توُن سُوارُ.

تو ڪَئِي آسيس جَنهن تي سو ڦُليو،
جَڳَت ۾ نالو سَندَس روشَنِ ٿِيو.

نِيَمَ سان ماتا ڪَريان تُنهِنجو ڌِيانُ،
پريم شرڌا سان مان ڳايان تُنهِنجو گانُ.

هِر ڪَلا ماتا تُنهِنجو وَردانُ آ،
”آشا“ تي پِيِ تُنهِنجو ئِي اَحِسانُ آ.

هدايتون : ماستر شاگردن کان هيءَ پرارٿنا سُر تالَ ۾ چوائيندو. اُهي ٻيون کھڙيون پرارٿنائون ڳائيندا آهن پڇندو. ڏکين لفظن جِي معنيٰ ڊکشنريءَ مان ڳولهڻ لاءِ همٿائيندو. ڪابہ هڪ پرارٿنا لئبرريءَ مان ڪتاب وٺي لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

١. اَچو ته ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لِکون.

(١) سَرَسوتي ماتا ڪي ڪَهِڙي پرارِٿنا ڪَيَل آهي؟

(٢) وِديا جي ديوي ڪيرَ آهي؟

(٣) سَرَسوتي ماتا ڪَنهِن تي سَوار هوندي آهي؟

٢. اَچو ته سوچيون.

(١) توهان اِسڪولَ ۾ ڪَهِڙي پرارِٿنا ڪَندا آهيو؟ اُن بابَت ڳالهِ ٻولهِ ڪَري معنيٰ ٻڌايو.

(٢) مان پَڙهِي وِدوانُ ٿيان اِن ۾ شاعرُ ڇا تو چَوَڻُ چاهي؟

٣. پَڙهو، سَمجهو ۽ سِٽون پوريون ڪَريو.

(١) وِيٽا وادِني ماتا -

(٢) تو ڪَئي آسيسَ -

(٣) جَڳَت ۾ نالو -

٤. ساڳئي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا مِلايو.

| 'اَلف' | جواب | 'ب' |
|---|---|---|
| (١) پريم | ..................................... | نِمِسڪار |
| (٢) وَندَنا | ..................................... | عِلمُ |
| (٣) آسيسَ | ..................................... | سَنسارُ |
| (٤) جَڳَتُ | ..................................... | دُعا |
| (٥) وِديا | ..................................... | پيارُ |

٥. ڇا توهانجي گهرَ ۾ سڀيئي گَڏجي پرارِٿنا ڪَندا آهيو؟ ڪيڏِي مَهِلَ، ڪَهِڙي پرارِٿنا ڪَندا آهيو؟ اُن بابت ٻڌايو.

٦. برئڪيٽ مان مُناسِب هَمَ آوازِي لَفَظ ڳولهي لِکو.

(۱) دان : [ ] (مان، وارا)

(۲) سوار : [ ] (شان، جئڪارا)

(۳) وَرِدان : [ ] (اَحِسان، گانُ)

(۴) پريم : [ ] (روشن، نيم)

٧. مِثال سَمجهي برئڪيٽ مان مُناسِب ’اکر‘ چؤڪُنڊي ۾ لِکِي لَفَظ ٺاهيو.

مِثال : مُ [ل] ڪ (لِ، ڪ، ٿ)

(۱) آ گ [ ] ت (م، س، ڏ)

(۲) يا [ ] ت (ڪ، د، ر)

(۳) [ ] وا ن (ج، جهه، ذ)

(۴) ڪ ر ت [ ] (پ، ٻ، ب)

٨. چؤڪُنڊي ۾ ✓ يا ✗ نِشان ڪَريو.

| | بيان | نِشان |
|---|---|---|
| مِثال | سَرَسوَتِي ماتا وِديا جي ديوي آهي. | ✓ |
| (۱) | سَرَسوَتِي ماتا ڪوئي تي سَوار هوُندي آهي. | |
| (۲) | اَسان کي هميشه سَرَسوَتِي ماتا جِي پوڄا ڪرڻُ گُهرجي. | |
| (۳) | سَرَسوَتِي ماتا جو نالو جَڳَت ۾ مَشهور آهي. | |
| (۴) | ماتا جي آسِيَسَ سِيني مَٿان نہ آهي. | |

# ٢. سِياڻو لُومڙ

**پڙهو، جاچيو ۽ ٻُڌايو.**



# هِڪ ڏينهن




**هدايتون:** ماستر شاگردن کي آکاڻي ٻڌائيندو. شاگردن کي هيءَ آکاڻي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو. اَهڙي نموني جي ٻي آکاڻي ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو. جانورن ۽ پکين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو.

١. اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لِکون.

(١) شينھُن شِڪارُ ڇو نہ پيو ڪَري سَگھي؟

(٢) ٻِيَنِ جانوَرَنِ جا نالا ٻُڌايو.

٢. اَچو تہ سوچِيوُن.

(١) پالتوُ جانوَرَنِ ۽ جَھَنگلِي جانورن ۾ فرق ٻُڌايو.

(٢) ’پالتوُ جانور‘ پالڻَ ۾ ڪَھِڙيون خَبَردارِيوُن وَٺڻُ گُھرجن؟

(٣) سَھي لوُمَڙَ کي ڇا ٻُڌايو؟

(۴) لوُمڙَ پَنھنجِي جانِ ڪيئَن بَچائِي؟

٣. ھيٺِيان چِترَ ڏِسِي پَکِي سُڃاڻو ۽ نالا ٻُڌايو.



__________



__________



__________



__________



__________



__________

۴. ڪَنهن بہ هِڪَ جانوَرَ بابت ٻُڌايو ۽ لِکو.

۵. هينئين آکاڻيءَ جي شروُعات، وِچُ ۽ پڇاڙِي لِکو ۽ سِرو ڏيو.

هِڪُ شِڪارِي ..... چار وِڇائِڻُ ..... اَنَ جا داڻا پَکيڙِڻُ ..... ڪَبوُترَنِ جو ڦاسَڻُ ..... ڪَبوُتَرَنِ جو چارَ سوُڌو اُڏامَڻُ ..... دوست ڪوُئَنِ جو اَچڻُ .....









٦. چِتر ۾ رنگ ڀريو.



# ٣. بادل

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



چَمَڪِ چَمَڪِ بِجلِي چِمڪائِنِ،
رِمِ جهِمِ بادَلَ بُوندُون وَسائِنِ.

نانا، نانا، بارِش پاري،
پاڻِي ئي پاڻِي چوڌاري،
ٻَرٻَنِ ۾ پاڻِي پَهُچائِنِ،
رِمِ جهِمِ بادَلَ بُوندُون وَسائِنِ.



ڪارا ڪَڪَرَ ڪَري وَسِڪارا،
ڌَرتِي ڌُئَنِ هَٽِي ڦُوهارا،
ڪيتَ ٻَنِيُون، گُلِشَنَ ٻَهِڪائِنِ
رِمِ جهِمِ بادَلَ بُوندُون وَسائِنِ.



خالِي کوهَہ تَلاوَ ڀَرِنِ ٿا،
لَهِرُون نالا واهَہ ڀَرِنِ ٿا،
لَهِرُنِ کي ٿا ناچُ نَچائِنِ،
رِمِ جهِمِ بادَلَ بُوندُون وَسائِنِ.





بِهِڪِي مالِهيءَ جي ڦُلواڙِي،
گَڏِ گَڏ ڏاڍا هاري ناري،
سِرهائيءَ سان سارَنگُ ڳائِن،
رِمِ جِهمِ بادَل بُونِدوُن وَسائِن.

ڪاغذ جون ڪي ٻيڙيون ناهي،
نَنڍڙيُن نَهرُن مَنجهِه وَهائي،
خوشِ ٿي تاڙِيوُن خوُبُ وَڄائِن،
رِمِ جِهمِ بادَل بُونِدوُن وَسائِن.

۱. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لِکون.

(۱) ڪارا ڪَڪَر ڇا ٿا ڪَن؟
(۲) بَرساتِ پَوَڻ ڪري ڇا ٿئي ٿو؟
(۳) بَرساتِ پَوَڻ وَقت نَنڍڙا ٻارَ ڇا ڪَندا آهِن؟
(۴) بيتَ مان ٿي هَمِ آوازي لَفظَنِ جا جوڙا لِکو.

۲. ساڳِئي معنيٰ وارَن لَفظَنِ جا جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| ۱. بِجلي | خوشي |
| ۲. ٻِهڪَڻُ | خوُشِ ٿِيَڻُ |
| ۳. بَربَن | تِرَڻُ |
| ۴. گَڏِ گَڏ | جَهنگَلُ |
| ۵. سِرهائي | وِڄُ |

هدايت : ماسترصاحب، ٻارن کي بادل، بجلي ۽ برسات بابت ڄاڻ ڏئي وڻندڙ مُند بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائي.

۳. اَچو تہ سوچِيوُن.

(١) بَرساتِ کان اَڳ توهان جي گھرَ وارا ڪهڙيوُن تياريوُن ڪندا آهِن؟ لِکو.

(٢) پاڻي بَچائڻَ لاءِ ڇا ڇا ڪَرڻُ گُھرجي؟

(٣) توهانکي ڪهڙي مُندَ وڻندي آهي؟ ڇو؟ لِکو.

۴. لاڳاپو رکندڙ لفظَنِ جا جوڙا مِلايو.

| ’ب‘ | جواب | ’اَلف‘ |
|---|---|---|
| (١) روشني | ...................... | (١) ڪوهُہ |
| (٢) سَمُنڊُ | ...................... | (٢) مالهي |
| (٣) بَرساتِ | ...................... | (٣) لَهروُن |
| (۴) پاڻي | ...................... | (۴) بِجلي |
| (۵) باغُ | ...................... | (۵) بادَلَ |

۵. سِٽَ پڙهو ۽ سُوالَن جا جواب لِکو.

’خالي ڪوهُہ ٺَلوَ پَرِن ٿا ‘

(١) پاڻيءَ جي جَڳهہ جَنهِن ۾ ترِي سگهجي، اُها لِکو.

(٢) ’پَرِيَلَ‘ جو ضِدُ لِکو.

(٣) ڳوٺَن ۾ ماڻهو پاڻي ڪِٿان ڀَريِندا آهِن؟

اَچو تہ کِلون



ٽِي.ٽِي. : توهان پَنهنجي ٽِڪيٽَ ڏيکاريو.

مُسافر : هان وٺو.

ٽِي.ٽِي. : هيءَ ٽِڪيٽَ تہ جهوني آهي.

مُسافر : تہ توهانجي گاڏي وَري ڪهڙي نئين آهي؟

## پاڙَ ڪَريان - پاڙَ سِکان

(١) مُناسِب مُتبَدَل جَواب چونڊِيو.

مِثال : پاڻيءَ جو وَسيلو (الف) نَدي (ب) ريت (ب) بالٽِي

جواب : (الف) ندي

١. آسمان (الف) چَنڊُ (ب) ڌرتِي (ب) پاتال

٢. کيت (الف) عمارَت (ب) اِسٽيشَن (ب) اَناج

٣. ڪَڪَرَ (الف) گَجَرَ (ب) بَرِسات (ب) موبائل

٤. سارنگ (الف) راڳ (ب) بيت (ب) شاعرِي

(٢) ’سِياري جي مُندَ‘ تي پَنجَ ڇَهَ جُملا لِکو.



(٣) هيٺ ڏِنَلَ واقعي جي پڇاڙِي لِکو.

اَنيل، جوتِي بَئي پاڻُ پيڻَ اِسڪُولَ وَڃي رَهيا هُئا. اوچتو ئي بَرِساتِ پَوَڻَ لَڳي ..................................

### (۴) اَچو تہ ڪاغذ جي ٻيڙي ٺاهيون.



# ۴. پَنجَ مِنٽَ

پڙهو ۽ سَمجهو.







رَميش نالي هِڪُ ڇوڪِرو هو. اُن جي ماءُ هَرِ روزُ صُبُحَ جو کيسِ جاڳائِيندِي هُئِي. رميشُ اَکِيوُن بَندِ ڪَري ڇَوَندو هو تہ پَنجَنِ مِنٽَنِ ۾ اُٿان ٿو. اِئين چَئِي هوُ وَرِي سُمِهِي پَوَندو هو.

ماءُ سَنان ڪَرَڻَ لاءِ ڇَوَندِي هُيَسِ تہ وَراڻِي ڏِيندو هو، ’پَنجَنِ مِنٽَنِ ۾ ٿو سَنان ڪَرِيان.‘ اِئين چَئِي ڪَنهِنِ راندِ ڪَرَڻَ ۾ مَحوُ ٿِي ويندو هو.

صُبُحَ جو ماءُ چَوَندِي هُيَسِ تہ ’پُٽَ نيرَنِ اَچِي ڪاءُ.‘ رَميش هَميشه وانگُرِ چَوندو هو، ’پَنجَنِ مِنٽَنِ ۾.‘ اُن وَقتِ هوُ اِسڪوُلَ جا ڪِتابَ پَڙهَڻَ ويهِي رَهندو هو.

جَڏهِنِ اِسڪوُلَ ڏانهنُ ويندو هو تہ واٽَ تي ڪَنهِنِ دُڪان جي سامهوُن بيهِي رَهندو هو تہ ڪَڏهِن ڪَنهِنِ سان ڳالِهائِڻَ لاءِ بيهِي رَهندو هو. جَنهِن ڪَري ڪَڏهِن بہ اِسڪوُلَ ۾ وَقتَ سِر پَهُچِي نہ سَگهندو هو.








ڪِلاسَ ۾ ماسِتِرِياڻيِ چَونديِ هُئِي تہ ڪَمُ جَلِديِ جَلِديِ پوُرو ڪَرِيو. رَميش اُمالَڪَ چئِيِ ڏِيندو هو، ’اِجهو پَنجَنِ مِنٽَنِ ۾ ٿو ڪَري وَٺان.‘ سَڀُ ٻارَ ڪَمُ پورو ڪَري رِسيس ۾ رانِدِ ڪَرَڻَ هلِيا ويندا هُئا. پَرَ رَميش اُتي ئِيِ ويٺو هوندو هو.

هِڪَ دَفعي اِسڪوُلَ ۾ جادوءَ جا ڪيل ٿِيَڻا هُئا. ماسِتِرِياڻيءَ ٻارَنِ کي وَقتَ سِر اَچَڻَ لاءِ چَيو. سَڀُ ٻارَ پوُري وَقتَ تي پَهُچِي وِيا. ڪي ٻارَ اِسڪوُلَ ڏانهَنُ ڊوڙَندا پِئي ويا. اُنهَنِ رَميش کي واٽَ تي ڪيڏندو ڏِٺو. هِڪَ شاگِردَ چيُسِ تہ ’رَميش دير ٿِيِ ويئِيِ آهي. جَلِديِ ڪَرِ. جادوءَ جا ڪيلَ خَتَمُ ٿِيِ ويندا.‘ رميش وَراڻِيِ ڏِنيِ، ”تون هلُ، مان پَنجَنِ مِنٽَنِ ۾ پَهُچان ٿو.‘ هوُ وَرِيِ رانِدِ ۾ مَشغوُلُ ٿِيِ وِيو.

جَڏهِنِ رَميشُ اِسڪوُلَ پَهُتو تہ ڪيلُ خَتَمُ ٿِيِ چُڪو هو. سَڀُ ٻارَ جادوءَ جي ڪيلَ جوُن ڳالِهيوُن ڪندا خوشِ ٿِيِ وَجِيِ رَهيا هُئا. ويچارو رَميش اِسڪوُلَ جي وَرانڊي ۾ پَنهنجِيِ سُسِتيءَ تي پَڇِتائِڻَ لڳو.



**هدايتون :** ماستر شاگردن کي وقت جيِ اَهميت سَمجهائيندو ۽ جُدا جُدا مِثال ٻُڌائيندو. مثال هڪ مِنٽ تان ڳاڏي ڳسِي سگهجي ٿي وغيره. ماسترهن سبق جو تاتپرج سمجائي ٿو ۽ شاگردن کي تاتپرج ٣ کان ٤ جُملن ۾ لِکڻ لاءِ چوي ٿو. شاگرد ماستر کان رميش بابت سوال پڇن ٿا. ماستر انُهن سوالن بابت سمجهائي ٿو.

## ١. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لِکون.



(١) رَميش اَکيون بَند ڪَري ڇا چوَندو هو؟

(٢) رَميش اِسڪوُل ۾ وَقت سِر پَهچِي ڇو نہ سَگهندو هو؟

(٣) رَميش جادوءَ جو کيل ڇو نہ ڏِسي سَگهِيو؟

## ٢. سوچِيو ۽ ٻُڌايو.

هيٺيان جُملا ڪَنهن چَيا آهِن؟

(١) ”پَنجَنِ مِنٽَنِ ۾ اُٿان ٿو.“

(٢) ”جَلدِي ڪَرِ جادوءَ جا کيل خَتمُ ٿي ويندا.“

(٣) ”توُن هَلُ، مان پَنجَنِ مِنٽَنِ ۾ پَهچان ٿو.“

## ٣. اَچو تہ سوچِيوُن.

چوکُنڊي مان صَحيح لَفظ چوُنڊي خالَ ڀَرِيو.

(١) ...................... پَڙهان ٿو.

(٢) ...................... اَچي ٿو.

(٣) ...................... سُٺو ڇوڪرو آهِين.

(٤) ...................... هوشيار شاگرِدَ آهِن.

(٥) ...................... رانديگر ڪِرڪيٽَ کيڏَندا آهِن.

هِي
هوُ
اُهي
مان
توُن

## ٤. هيٺيَنِ جُملَنِ ۾ صَحيح لَفظَ وِجهِي جُملا وَرِي لِکو.

| ۾ | ڏانهن | ٿي | وَٽِ | کان |
|---|---|---|---|---|

(١) رام گهَرَ ........................... آهي.

(٢) مُنهِنجو دُڪان اِسڪول ........................... آهي.

(٣) شيام مُمبَئِي ........................... ويو.

(٤) سِينا اِسڪوُل ........................... گهرِ ويئِي.

(٥) گُلدَستو ٽيبَلَ ........................... آهي.

٥. عدَدَ بَدِلايو.

ڇوڪِرو، اَڪِ، رانڊِ، ڳالهِه

٦. سَبقَ مان ڏِکيا لَفظَ کَڍِي اُنجي معنيٰ ڊِڪشنَريءَ مان ڏِسِي لِکو.



## پاڙ ڪَرِيان - پاڙَ سِکان

١. مِثال سَمجهِي اَکرن مان لَفظَ ٺاهِيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| مِثال : | چو | رو | ڪ | | - ڇوڪرو |
| (١) | ر | رو | هـ | ز | - ________ |
| (٢) | ن | ني | ر | | - ________ |
| (٣) | ڪا | ن | ڊُ | | - ________ |
| (٤) | دوُ | جا | | | - ________ |

٢. توهين پَنهِنجو قِصو / واقعو ٻُڌايو جَڏهِن توهان ڪِتي دير سان پَهُتا ۽ توهان کي تَڪليفَ ٿي. مِثال: رَميش اِسٽيشن تي دير سان پَهُتو تہ اُنجي گاڏِي گُسِي ويئِي.



۳.  چوڪُنڊي مان مُناسب لَفَظ چوُنڊي خال ڀَريو.

اِسڪول، سِنان، دُڪان، شاگرِد

(١)  اَسان کي هَرِروز ..................................... ڪَرَڻُ گُهرجي.

(٢)  رَما ..................................... تان شَيوُن خَريد ڪَيوُن.

(٣)  اِسڪول جا ..................................... ميدان تي راند ڪَري رَهيا هُئا.

(۴)  مان هَرِروزُ ..................................... ۾ وَقتَ سِرِ پَهُچندو آهيان.

۴.  ڌُڪر پَڙهو ۽ ڏِنلَ مَشغوُليون پوُرِيون ڪَرِيو.

ريشما اَنين درجي ۾ پَڙهندڙ هِڪ هوشيارِ شاگرِد هُئِي. پڙهائي ۽ ۾ راندِ-روُند ۾ ڪلچرل پروگرامَنِ ۾ هَرِڪَنهن مَشغوُلي ۽ ۾ حِصو وَٺندي هُئِي. پَر صِرف اِسڪول ۾ دير سان پَهُچَڻ جي عادَت سَبب سَموري ڪِلاسَ جا شاگرِدَ هن کي 'ليٽ لَطيف' ڪَري چيڙائيندا هُئا.

ريشما هنن جي چيڙائڻ تي ڪاوڙبِي ڪانه هُئِي ۽ هلڪي مُشڪَ ڏيندي پَنهِنجي ڪَمَ ۾ لَڳِي ويندي هُئِي.

(١)  ريشما ڪهڙي دَرجي ۾ پَڙهَندي هُئِي؟

(٢)  ريشما ڪَنهن ڪَنهن ۾ حِصو وَٺندي هُئِي؟

(٣)  سَچِي لَفظ لاءِ ڪَمُ آندلَ لَفَظَ لِکو.

(۴)  هيٺين جا عدد بَدِلايو.

١) عادت        ٢) راندِ

# وِياڪَرَڻ

پڙهو ۽ ڌيان ۾ رکو.

ٽورو دَمُ
،

١. ٽورو دَمُ جي نِشاني (،) آهي. ڳالهائڻ ۾ ساهہ پَٽڻ ۽ جُملي جو مَطلَبُ چِٽو سَمجهائِڻ لاءِ ٽورو دمُ جي نِشاني ڪَمُ آڻِبي آهي.

مثال : ١) ڪَمِلا، شيلا ۽ اَميتُ راندِ ڪَنِ ٿا.

٢) هارِي ڪَٽِڪَ، چانوَرَ، جوئَرِ ۽ ٻاجِهريءَ جي پيدائشَ ڪندو آهي.

عَجَبَ جي نِشاني
!

٢. عَجَبَ جي نِشاني (!) آهي. جڏهن ڪو جُملو عَجَبُ، ڏُکُ، اَرمانُ يا خوشيءَ جو ڀاوُ ظاهِرِ ڪَري تہ اُن جي پُٺِيان عَجَبَ جي نِشاني ڪَم آڻِبي آهي.

مثال : ١) واهہ! تون تہ ڏاڍو هوشيارُ آهين.

٢) اَفسوس! رام جو رانديڪو ٽُٽي پَيو.

هيٺين جُملَنِ ۾ مُناسِبَ جَڳهين تي بيهڪ جون نِشانيون ڏيو.

(١) اَڙي هِي ڇا ٿيو

(٢) مينا ڪانتا ۽ رينا گڏجي گهمَڻ ويون

(٣) دليپ سُپاٽي ڪِٿي ويندو

(٤) راجيش سِڪِمِ دارجلنگ ۽ ڪلڪتا گهمِي آيو

هدايت : ماستر 'ٽورو دَمُ' ۽ 'عَجَبَ جي نِشاني' بابت ٻارن کي جُدا جُدا مثالن ذريعي سمجهائيندو.

# ٥. ٽِنڊڻِي ڙي ٽِنڊڻِي

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.




ٽِنڊڻِي ڙي ٽِنڊڻِي
اَسِين ٽُنهنجا ماڻهو
ڇِپِينداسِين ڏاڙهون
هيءَ قَطار ڪَنهِن جي؟
سٽن ڀائُرَن جنهِن جي
سٽئِي ڀائُرَ ڪُڏَ تي
ٻيڙِي آئِي دَرَ تي
بابل ڪي ڇِڄِجانءِ
ڪُڏو ڪُڏِي آڇِجانءِ
سون ۾ مڙهائجانءِ
چانديءَ ۾ ڇلڪائجانءِ
آءُ تـہ ڪُڏِي راندِ ڪَرِيون
آءُ تـہ ڪُڏِيءَ راندِ ڪَرِيون.






هدايتون : ماستر شاگردن کي لوڪ گيت بابت ڄاڻ ڏيندو. سُر تال ۾ ڳارائيندو. اَهڙِي نموني جو ٻيو لوڪ گيت ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. بيت ۾ آيل ڏکين لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان لِکڻ لاءِ چوندو.

# مُنهِنجو گَهرُ

ڏِسو. جاچِيو ۽ ٻُڌايو.











**هدايتون :** ماستر شاگردن کي چِتر جاچي اُن بابت ٻڌائڻ لاءِ چوندو. پنهنجي گهر بابت ٥-٦ جُملا لکڻ لاءِ چوندو. ماستر شاگردن کي ڪلاس ۾ موجوُد شيون ڏيکاري اُن بابت ٻڌائڻ لاءِ چوندو.

# ٦. تَقريرَ چَٽاڀيٽي

ٻُڌو ۽ پڙهو.







هِڪَ ڏِينهن آدرش وِدياليہ جي هيڊماسٽر دَرِجي ٽئين جي ڪِلاس ۾ سوُچنا موڪِلي تہ ٻارهين ٻجي ڪِلاس ۾ تَقرِيرَ چَٽاڀيٽي ٿيندِي. چَٽاڀيٽيءَ جو وِشيہ بَرِوَقتِ ظاهِرِ ڪَيو ويندو.

پوُري ٻارهين ٻَجي هيڊماسٽر صاحب ۽ ڪُجهہ ماسترِ ماسترِياڻِيون ڪِلاس ۾ آيا. هيڊماسٽر صاحب چَٽاڀيٽيءَ جو وِشيہ ظاهر ڪَيو، 'مُنهنجِي ماءُ'

چَٽاڀيٽي شُروع ٿِي. اَمرِ موهن ۽ سونِي اَڳِيان آيا. اَمر چَيو، ''مُنهِنجي ماءُ جو نالو سَپنا آهي. هوُءَ روز صُبُحَ جو سويلَ اُٿِي موُنکي ۽ مُنهِنجِي ڀيڻ کي اِسڪوُل لاءِ تيار ڪَندِي آهي. اَسانکي اِسڪوُل لاءِ نيرَنِ تيار ڪري ڏِيندي آهي. پوءِ سَڄِي گهر جي سارَ سَنڀال لَهَندِي آهي. اَسانکي شامِ جو باغِيچي ۾ وَٺي ويندِي آهي. روز رات جو آکاڻيون ٻہ ٻُڌائيندي آهي.''




اَمر کان پوءِ موهن ڳالهائڻ شروع ڪيو، ”مُنهنجي ماءُ جو نالو گيتا آهي. هوءَ بَئنڪ ۾ ڪَمُ ڪَندي آهي. مونکي اِسڪوُل موڪِلَڻ کان پوءِ پاڻَ آفيس ويندي آهي. هوءَ چوَندي آهي تہ هَر ڪَمُ وَقتَ تي ڪَرَڻُ گُهرجي. هوءَ روز آفيس مان موٽَندي مُنهِنجي لاءِ تولُ وَٺي ايندِي آهي. مَمي مُنهِنجو ۽ پَپا جو خوُب خيال رکندي آهي. مَمي موُنکي ڏاڍو پيار ڪَندي آهي، مان هِنَ جو چيو مَڃِيندو آهيان.

هاڻي سوني ٔ چيو، ”مُنهِنجي ماءُ جو نالو اَنيتا آهي. هوءَ هِڪَ سُٺِي ماءُ سان گڏوگڏ هِڪَ ڪامياب ڊاڪٽرياڻِي پڻُ آهي. هوءَ مَريضَنِ جو عِلاج ڪَندي آهي. جيڪڏهِنِ ڪو وَڏيڪ بيمار هوُندو آهي تہ هُنَ کي ڏِسڻُ سَندس گَهرِ پڻ ويندِي آهي. مَمي هَميشه موُنکي سيکارِيندِي آهي تہ اَسانکي ٻين جِي مَدَدَ ڪرڻ لاءِ تيار رَهڻَ گُهرجي.“

شاگرِدَنِ پَنهِنجا رايا پيش ڪَيا. هيڊماسٽر صاحب سَٺِني ٻارَن کي ساراهِيو. هُن ڇَتاپيتيءَ ۾ ڀَهرو وَنندڙ سَڀِني شاگرِدَنِ کي اِنعامَ ڏِنا.

هدايتون : ماستر ٻارن کان اِهو سبق پڙهائيندو. ڏکين لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڳولهي لکڻ لاءِ چوندو. ٻارن کي سندن ماءُ بابت ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو. ۽ ڀيو کو وشيہ ڏيئي تقرير ڇتاپيتي ڪرائيندو.

١. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

(١) هيڊماستر ڪهڙي سوچنا موڪلي؟

(٢) اَمر جي ماءُ صُبح اُٿي ڪهڙا ڪم ڪندي هُئي؟

(٣) آفيس مان موٽندي موهن جي ماءُ ڇا وٺي ايندي هُئي؟

(۴) سونيءَ کي ماءُ ڇا سيکاريندي هُئي؟

٢. هيٺيَن جُملَن ۾ خالَ ڀَري جُملا وَري لِکو.

(١) روز رات جو ............... بہ پڙهائيندي آهي.

(٢) هوءَ .................... جو علاج ڪندي آهي؟

(٣) اَسان کي ٻين جي ............... ڪرَڻ لاءِ تيار رَهڻُ گهُرجي.

(۴) هُن ڇٽاپيتيءَ ۾ ٻهرو وٺندڙ سِيني شاگرِدَن کي ............ ڏِنا.

٣. جِنس بدلايو.

| ماستر | ڊاڪٽر | سيٺ | مائٽُ | ٻلي | ڍيلَ |
|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | |

۴. ماستر شاگردَنِ کي دوست يا ساهيڙيءَ بابَت لِکي اَچڻ لاءِ چَوَندو.

٥. ٽُڪرُ پَڙهي سوالن جا جواب لِکو.

هاڻي سونيءَ چيو، ”مُنهنجي ماءُ جو نالو اَنيتا آهي. هوءَ هِڪ سُٺِي ماءُ سان گڏوگڏ هِڪ ڪامياب ڊاڪٽرياڻي پڻ آهي. هوءَ مَريضَنِ جو عِلاج ڪندي آهي. جيڪڏهِن ڪو وَڏيڪ بِيمار هوندو آهي تہ هُن کي ڏِسڻ سَندس گهرِ پڻ ويندي آهي.

(١) سونيءَ جي مَميءَ جو نالو ڇا آهي؟

(٢) هوءَ ڪير آهي؟

(٣) ٽُڪرَ مان س سان شروع ٿيندڙ بہ لَفظ لِکو.

(۴) جِنسَ بَدِلايو : ١) ماءُ ٢) ڊاڪٽرياڻي

## پاڻ ڪِريان - پاڻ سِکان

١. ’آدرش‘ لَفظَ ۾ چارِ اکَرَ آهِنِ. ’آ‘، ’د‘، ’ر‘ ۽ ’ش‘. اِهي اکَر استعمال ڪندي ڇؤڪُندي ۾ نوان لَفَظَ ناهيَلَ آهِنِ. مُناسِب جواب چوُنڊي خال ڀَرِيو.

| آش، در، رد، رش، آد، شاد |
|---|

(١) ميلي ۾ ڏاڍِي ........................ هُئِي.

(٢) ڪالهہ مُمبئيءَ کان پُٽي ويندڙ ڪُجهہ ڳاڏيون ........... ڪَيوُن وَيون.

(٣) رما ڳِهنتِي وَڃائڻ تي بہ ............. نہ کولِيو.

(۴) ............ جُڳاد کان اَسان وَٽَنِ جي پوُڄا ڪَندا آهِيون.

٢. سِت پڙهِي سوالن جا جواب لِکو.

هيڊماستر صاحب ڇَتاپيتيءَ جو وِشيہ ظاهِرِ ڪَيو ’مُنهِنجِي ماءُ‘

(١) اِسڪوُل ۾ وَڏو پَدُ ڪَنهِن جو آهي؟

(٢) وِشيہ جو نالو لِکو.

(٣) عزَتَ ڀَرِيو ڪَهِڙو لَفَظُ آهي؟

(۴) ’پَڏرائِي ڪئِي‘ لاءِ ڪَهِڙا لَفَظَ ڪَمُ آندَلَ آهِنِ؟

٣. هيٺِ ڏِنلَ جُمِلَنِ جو سِلِسِلو ٺاهي لِکو.

(١) وِشَيہ رکيو ويو ’مُنهِنجِي ماءُ‘

(٢) اَمرَ ڳالِهايو.

(٣) ٻارهين ٻَجي تقرِيرَ ڇتاپيتِي شروع ٿِي.

(۴) سونيءَ پنهنجا وِيچار ٻُڌايا.

۴. ’مُنهِنجو پيءُ‘ تي ۵ جُمِلا لِکو.

## ٥. پڙهو ۽ لِکو. اَهڙي نموني جا ٻيا جُملا ٻُڌايو ۽ لِکو.

### تون

تون ڪِرڪيٽ راندِ ڪَرين ٿو.

تون ڪارٽُون ڏِسين ٿو.

تون نِياپو لِکين ٿو.



..................................

### توهان

توهان ڪِرڪيٽ راندِ ڪَريو ٿا.

توهان ڪارٽُون ڏِسو ٿا.



..................................

توهان دروازو کوليو ٿا.

### هُوَ / هوءَ

هُوَ نَچي ٿو.



هوءَ نَچي ٿي.

هُوَ اَداڪاري ڪَري ٿو.

..................................

### اُهي

اُهي نَچن ٿا.



اُهي نَچن ٿيون.

..................................

اُهي سَچُ ڳالهائين ٿيون.

### مان

مان اِسڪُول وَڃان ٿو.



مان خَطُ لِکان ٿي.

مان راندِ ڪَريان ٿو.

..................................

### اَسان

اَسان اِسڪُول وَڃُون ٿا.



اَسان خَطُ لِکون ٿا.

..................................

اَسان آکاڻي پَڙهُون ٿا.

# ٧. بَهادُرُ ڇوڪِري

پَڙهو ۽ سَمجهو.








هيءُ واقعو ٧ آگسٽ ١٩٦٥ع جو آهي. شامَ جا ساڍا چارِ لَڳا هُئا. نَنڍڙِي بالِڪِي نَنڍِني رَستي تي راندِ ڪَري رَهِي هُئِي. سامُهوُن ئِي سَنڌس پيءُ جو دُڪانُ هو پَرَ ڪَنهِن جو بہ ڌيانُ رَستي تي راندِ ڪَندڙ بالڪيءَ ڏانهُن ڪونہ هو.

رَستي تي آمَدرَفت شُروع هُئِي؛ پَرَ نَنڍڙِي نِينگرِي اُنَ ڪان بي خَبَرِ مَزي سان راندِ ڪَري رَهِي هُئِي. سامَهوُن دُڪان تي وِمولا بيٺِي هُئِي. هُنَ جي دِلِ چاهِيو پِئي تہ مان بہ ساڻس راندِ ڪَريان.

وِمولا اَڃا سوچِي ئِي رَهِي هُئِي تہ هِڪَ جيِپ تيزِ رَفتارَ سان نَندِنيءَ ڏانهنَ ڊوڪِيندي ايندي ڏِٺائين. وِمولا کي هِڪَدَمُ مَحسوُس ٿِيو تہ بالِڪيءَ جي جانِ کي خَطِرو آهي. اِهو سوچي هوءَ يَڪدَمِ ڦُڙتيءَ سان نَندِنيءَ ڏانهن ڊوڙِي. جيِپ جو قيِتو نَندِنيءَ کي

چيٽاڙِن وارو هو: پَرَ وِمولا پَنهِنجي جان جي پَرواهَ نہ ڪري ڦُڙنائيءَ سان نَندِنيءَ کي ڇِڪي پَري ڪيو. وِمولا کي ڪُجھہ زَخمَ رَسيا. نَندِني رڙِ ڪري بيهوشِ ٿي ويئي.

وِمولا کي بيحَدِ خوشي ٿي تہ هِنَ پاڻَ کي زَخمي ڪري بہ نَندِنيءَ کي بَچايو. وِمولا زَخمي حالَتِ ۾ بہ نَندِنيءَ کي ڀاڪُرَ ۾ ڀَري ويٺي هُئي. ايتري ۾ نَندِنيءَ جا مائٽَ بہ ڊوڙندا اُتي اَچي پَهُتا. راهگيرَ بہ دِلير ڇوڪري وِمولا کي وَڪوڙي وِيا ۽ هِنَ جي سوُجھہ ٻوُجھہ ۽ دِليريءَ جي ساراهہ ڪرڻَ لَڳا.

ڪُجھہ وَقتَ بَعدِ نَندِني بہ هوشَ ۾ آئي. وِمولا گَدِ گَدِ ٿي کيس پيارَ سان گَلي لَڳايو.

ڀارَتَ جي راشٽرَپَتيءَ مَٽيپوُرِ جي هِنَ ويرَ وِمولا کي، نَندِنيءَ جي حَياتي بَچائڻَ سَبَبِ ’بَهادُرُ ٻالِڪا‘ جو قومي اِنعامُ ڏِنو.

١. اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريون ۽ لِکون.



(١) وِمولا ڪهڙي بَهادُري ڏيکاري؟

(٢) سَبَق جي ٻَنِ اِصطلاحَن جي معني ٻُڌايو.

١) گَدِ گَدِ ٿيڻُ     ٢) جانِ جي پَرواهَ نہ ڪَرڻُ

٢. اَچو تہ سوچِيون.

جيڪَڏهِن توهان وِمولا جي جَڳهِ تي هُجو ها تہ ڇا ڪَريو ها؟

٣. ترت علاج جي ڪِريائُن جو سِلسِلو ٺاهي لِکو.

(١) زَخمَ مَٿان پَٽي ٻَڌڻُ

(٢) زَخمَ تي مَلَمَ لَڳائڻُ

(٣) زَخمُ ڌيئتال سان صاف ڪَرَڻُ
(۴) تَڪليِفَ وَڌَڻَ تي ڊاڪٽرَ وَٽِ پَهُچَڻُ

۴. ٽُڪرُ پڙهو ۽ ڏِنلَ مَشغوُلِيوُن پوريِوُن ڪَرِيو.

گرديو رَوِيندر ڀارتيَہ ساهِتيَہ گگن جو ڌُروَ تارو هو. باپوجيِ شرڌا وچان ڪيس ”گرديو“ سَڏِيندو هو ۽ هوُ سَچيِ معنيٰ ۾ گرديو هو. هوُ سريشٽ ساهتيَڪار، فيلسوُف، چِترَڪار، سَنگِيتڪار، مَهان وِدوان، سَماج سُڌارڪ، راشٽر ڀڳت، وِشوَ شانتيءَ جو ڪانڪيِ مطلب تہ هوُ هِڪَ اَنوکي اَنترراشٽريہ شَخصِيَت هو.

گرديو رَويندرناٿ جو جنم ٧ مئي ١٨٦١ع ۾ بينگال پرانت ۾ ديوندرناٿ ٺاڪُر جي گَهرَ ۾ ٿِيو.

(١) گرديو رويندر ڪَنهن جو ڌُروَ تارو هو؟
(٢) باپوجيِ ڪيسِ ڇا ڪَري سَڏِيندو هو؟
(٣) گرديو رويندر جا خاص چارِ گُڻَ لِکو.
(۴) گرديو رويندر جو جنم ڪِٿي ٿِيو؟

ٿوريِ وِندُرَ

هينيان خاڪي جي مدد سان پورا ڪريو.

١. هِڪُ پَکيِ -
٢. هِڪُ راجيَہ -
٣. هِڪُ واهڻُ -
۴. هِڪُ ٿانوُ -
۵. هِڪَ ڀاڄيِ -

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ري | م | ها | را | ش | ت | ر |
| ل | ن | را | جا | ق | ص | م |
| گا | ق | نو | دو | مو | ٿ | ڪ |
| ڏِي | ڙ | ڪو | گ | ر | م | پا |
| س | ڳ | س | ر | ۽ | ٿ | ل |
| ه | س | پ | ري | ظ | ڪا | ڪ |

هدايتون : ماستر ٻارن کي اِهو قصو پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو. سبق جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ڳولهڻ ۾ مدد ڪندو. ٻارن کي اَهڙو ٻيو ڪو آزمودو يا واقعو ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

# ٨. موچي

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



رَستي جي هِڪَ ڪُندَ ڪان جيڪو،
ٻُڍِڙو موچي آهي وينو،
سو يِي تو - مون جَهِڙو آهي،
ڇا تِيو جي هوُ جُتِيوُن ڳنڊي تو.



هوُ تہ اَسان جو ڪَمُ ڪَري تو،
ڪَمُ ماڻهُنِ جي سَدا اَچي تو،
نئِين ڪَري تو جُتِي پُراڻِي،



موتَ ۾ روپيا ويِهَہ تيِهَہ وَني تو.
ڪوئِي ڏنڌو کوٽو ناهي،
ڪوئِي ماڻهو ننڍِڙو ناهي،
هَرِڪو پيٽَ جي لاءِ ڳَهي تو،
پيٽَ ڪي ٽُڪِرو ڏيِٽو آهي.



هدايت : ماستر شاگردن کان ڪوي ءَ جي ڪلپنا بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري هرپيشي کي عزت ڀري نظرسان ڏسڻ لاءِ همٿائيندو.

١. اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَرِيوُن ۽ لِکون.

(١) رَستي جي ڪُنڊَ کان ڪيرُ ويٺو آهي؟

(٢) موچِي ڪهِڙو ڪَمُ ڪندو آهي؟

(٣) هَرِڪو ماڻهو ڇا جي لاءِ ڪَمُ ڪَري ٿو؟

٢. صَحيحَ جَواب چوُنڊي اُن مَٿان گولُ پايو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| جَهِڙو | وانگُرِ | ٻِيو | غَلَطِ | |
| بُزرگُ | ٻارُ | جَوان | ٻُڍو | |
| سَدا | ڪَڏهِن ڪَڏهِن | | ڪَڏهن نہ | هَميشهَ |
| ڪوٺو | خَرابُ | سُٺو | سُهڻو | |
| ڳُهڻُ | مِحنَت ڪَرڻُ | | ڪوتائِي ڪَرڻُ | مَزو ماڻڻُ |

٣. ڏِنل پيشا سُڃاڻي لِکو.









# ٩. لَئِبررِي

پڙهو ۽ ڌيان ۾ رکو.









## لئبريءَ جا نِيَمَ

١) شانتِ ماحولُ رکڻُ لازمِي آهي.

٢) بَحثُ ڪَرَڻَ جي اِجازَت ناهي.

٣) موبائيل فون بَندِ رکڻو آهي.

۴) ڪاڌي پيئڻ جون شيُون آڻڻ تي بندِش آهي.

٥) لئبريءَ مان وَرتَلَ ڪِتابَ مُقررَ وَقتَ جي اَندرِ ضرورِ موٽائڻو آهي.

٦) ڪِتابَ کي نُقصانُ پهچائڻُ يا گُمُ ڪَرَڻَ جي حالتِ ۾ ڏنڊُ ڀَرِڻو آهي.



ماستر : ٻارو هَلو اَڄ اَسين لئبرري ڏِسون.

هريش : جِي سَرِ. مونکي تہ ڪِتابَ پڙهَڻُ وڻندا آهِن.

ٽِينا : ها ها مان بہ ڪِتابَ وَٺندَسِ.

(ماستر ڪِلاس جي سڀني ٻارَنِ کي لئبرريءَ ۾ وَٺِي وڃي ٿو.)

ماستر : لئبرريءَ جا نِيَمَ بورڊ تي لِکيَلَ آهِنِ. اُهي سڀيئي پڙهو ۽ ڌيان ۾ رکو.

(سڀيئي ٻارَ ڌيان سان نِيَمَ پَڙهَنِ ٿا.)

ديپڪ : ڇا اَسين ڪِتاب پَنهِنجي پسنديءَ سان ڳولهي وَٺِي سَگهُون ٿا؟

ماستر : ها پُٽ. لئبرريءَ ۾ اَلَڳ اَلَڳ وِشيَنِ جا ڪِتاب هوندا آهِنِ. هي ڏِسو وِشيہ مؤجب ڪِتاب رکيَل هوندا آهِن. هَرهِڪَ ڪِتاب ۾ ڪارڊُ پيَلُ هُوندو آهي. اُن تي ڪِتابُ ڏِيڻَ وَقت، وَٺندڙَجو نالو ۽ تاريخ لِکي ويندي آهي.

خوشبو : سَرِ هَرهِڪ ڪِتاب تي ليکڪَ جو نالو پڻُ لِکيلُ هوندو آهي نہ.

ماستر : ها پُٽ.

رينو : سَرِ مان تہ اَڄ ئي پَنهِنجي پسنديءَ جو ڪِتابُ وَٺندَسِ.

ماستر : تَمامُ سُٺِي ڳالهِ آهي. اَڄُ توُن ڪِتابُ وَٺِي پَڙهِجانءِ ۽ توکي جيڪا ڳالهِ وَڻي اُها سُڀاڻي ڪِلاس ۾ سڀنِي اَڳيان ٻُڌائجانءِ.

رينو : جِي سَرِ

(رينوءَ ڪِتاب جو مُکيہ پيج ۽ پُٺيون پيج جاچي پَنهِنجي وڻندڙ وِشيہ جو ڪِتابُ وَرتو.)

(ٻئي ڏينهن)

**ماسٽر** : رينو ڪالهه جيڪو ڪتابُ تو لئبرريءَ مان ورتو، اُن مان جيڪو توکي وڻيو اهو اَچي سيني کي ٻڌاءِ.

**رينو** : (سيني کي ورتَلُ ڪتابُ ڏيکاريندي) مون ڪالهه ’گلدستو‘ ٻال ساهتيه مخزن لئبرريءَ مان ورتي. ڏسو انجو مُکيه پيج ۽ پُٺيون پيج ڪيڏو نه سُهڻو آهي. اُن ۾ ڪويتائون، آکاڻيون، پروليون، چرچا، ٻاشا جون رانديون ڏنل آهن. مون ”سُني چوڪري نيها“ آکاڻي پڙهي جنهنجو ليکڪ ’ڪِشن آهوجا‘ آهي.

(رينو تمام سُٺي نموني آکاڻي ڪلاس ۾ ٻڌائي ٿي.)

**ماسٽر** : شاباش رينو! ٻارو توهان ٻه لئبرريءَ مان پنهنجي چاهه موجب ڪتاب وٺو ۽ پڙهو. اُن بابت اَچي ڪلاس ۾ ٻڌايو.

**سڀُ ٻار** : جي سَر.

**هريش** : سَرِ اَسان سڀئي نيم سان لئبرريءَ مان ڪتابَ وٺي پڙهندا آهيون. اَسانکي ڏاڍو مزو ايندو آهي.

**ٽِينا** : ها سَرِ اُن ۾ جيڪي ڏکيا اَڻسُڃاتل لفظ هوندا آهن انجي لسٽ ٺاهي، معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڏسي لکندا آهيون.

**ديپڪ** : جي سَرِ اَسانجي ٻوليءَ ۾ سُڌارو اَچي رهيو آهي. گيان ٻه وڌي رهيو آهي.

**ماسٽر** : تمامُ سُٺو ٻارو.

---



**هدايتون :** ماسٽر هرهڪ ٻارکي اَڱيان گهرائي پڙهيل قصو يا آکاڻي، بيت يا گيت ٻڌائڻ لاءِ همٿائي. لئبرريءَ جي اَهميت ٻڌائي، ڪتاب پڙهڻ لاءِ اُتساهه ڏياري. پڙهيل آکاڻي / قصو / واقعو ڪلاس ۾ اَچي ٻڌائي.

## ١.  اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪَرِيُون ۽ لِکون.

(١)  توهان پڙهيل ڇَئِنِ ڪِتابَنِ جا نالا ٻُڌايو.

(٢)  توهانکي وڻندڙ آکاڻِي يا ڪويتا يا قِصو اَچِي ٻُڌايو.

(٣)  لئبرريءَ ۾ شانتِ جو ماحول ڇو هُئَڻُ گھُرجي؟

## ٢.  ٽُڪر پڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

ٻارو توهان اِسڪولِي ڪِتابَنِ کانسواءِ ٻيا ڪِتاب پڙهڻ جِي عادَت پاڻ ۾ وِجهَڻُ گھُرجي. جيڪڏهنِ هيئنر کان آکاڻيُون، گِيتَ، ناٽَڪ ۽ ٻِيا عام ڄاڻَ جا ڪِتاب پڙهندا تہ اِنهنِ مان توهانکي گھڻا فائدا ٿِيندا. ڪِتابَنِ کي گيان جو خَزانو چَيو ويندو آهي. توهِين پَنهِنجي اِسڪوُل جي لَئبرريءَ مان پَنهِنجي پَسنديءَ وارا ڪِتاب وَٺِي پڙهِي سَگھو ٿا.

توهانجي دوستَنِ ۽ ساهيڙِينِ کان بہ ڪِتابَنِ جي ڏي-وَٺُ ڪَري پَڙهِي سَگھو ٿا.

(١)  توهان کي پاڻَ ۾ ڪَهِڙِي عادَت وِجَهڻُ گھُرجي؟

(٢)  ڪِتابَنِ کي ڇا چَيو ويندو آهي؟

(٣)  توهِين ڪِٿان ڪِتابَ وَٺِي سَگھو ٿا؟

(٤)  هيٺِيَنِ جا ضِدَ لِکو.    ١) فائدا    ٢) پَسَندِي.

## ٣.  هيٺيان ڪِردارَ سُڃاڻي نالا لِکو.













# خَطَ

پڙهو ۽ لِکو.







فِلئِٽ نَمبر-۵۰۴، نوَجيِوَن سوسائِٽيِ،
چيمبور، مُمبئيِ.
تاريخ: آگسٽ ۲۰۲۵

پرِيہ سُنيِتا،
اُميد تہ توُن ايِشوَرَ جي ڪِرپا سان خوشِ راضيِ هوندينءَ. هِت بہ مالِڪَ جيِ مَهِرَ آهي.
مون اَڄُ جيِ اَخبارَ ۾ تُنهِنجو فوٽو ڏِٺو ۽ راندِ جيِ خَبرَ پَڙهيِ. تُنهنجي ڪاميابيءَ تي مونکي فَخَرُ آهي.

مونکي عَجَبُ بہ لڳو تہ تون رانديڻ ۾ ايترو اڳيان وَڌي ويئين۽. تون پڙهڻ ۾ تہ هوشيار آهين. اِها مونکي ڄاڻَ آهي. رانديڻ ۾ تون ايترو اڳيان آهين، اِن جي ڄاڻَ مونکي هاڻي پيئي آهي. قومي رانديڻ ۾ ڀاڱ وَٺَڻ تون دِهلي ويئين۽ ۽ اُتي تو کوکو راند ۾ پَنهنجو جَلوو ڏيکاريو. اِها هِڪ وَڏي ڪاميابِي آهي. تو ڪُٽنبَ جو نالو بہ روشَنُ ڪَيو آهي. مونکي پَڪ آهي تہ هِڪ ڏينهن تون اَنتر راشٽريہ رانديڻ ۾ بہ بَهرو وَٺندين۽.

پوج چاچا ۽ چاچي بہ گهڻو خوش ٿيا هوُندا. اِنهن کي بہ مُنهِنجي طَرفان واڌايون ڏِجِ. تون ڄَڏهِن مُمبئي ايندين۽ تہ اَسين پَنهنجي نَوجيوَن سوسائٽي۽ ۾ رانديڻ جو پروگرام رکنداسين. اِن سان شاگِردَن کي تُنهنجي رَهبري مِلَندي ۽ هوُ تُنهِنجي راند جي جَلوي کان بہ واقِفُ ٿِيندا. هِڪ دَفعو وَرِي توکي واڌايون.

تُنهنجو ڀاءُ،

سُنيل



## اَچو تہ ڳيان وڌايون

١. خَطَ ۾ آيلَ ڏکيا لَفظَ ڳولهي اُن جي معنيٰ ڊکشنري۽ مان ڏِسي لِکو.

٢. نيت ذريعي پنکج آڏواڻي۽ بابت پَڙهو ۽ پَنجَ ڇهَ جُملا لِکو.

٣. توهانجي ساهيڙي مينل ڳيتَ ڳائڻَ جي چِٽاپيٽي۽ ۾ نئشنَل سِطحَ تي پَهرِيون نَمبر آئي. توهين اُن کي واڌايوُن ڏيندي خَطُ لِکو.

٤. ڪهِڙَن موقعن تي واڌايون ڏِنيوُن ويندِيوُن آهن؟

٥. ڪَنهِن بہ اَخبارَ جون مُکيہ سُرخيون پَڙهو.

# واڌايُنِ جو ڪارڊُ

ڏِسو. ٻُڌو ۽ ناهِيو.

**گھُربل سامان :** ڪاغذ، ليس، چؤڪُنڊي يا گول آڪار جا ڪانچ جا ٽُڪَرَ ستارون، رنگ، ڪونئر

**طَريِقو :** ڪارڊُ ناهِڻَ لاءِ ڪاغَذَ کي گھُربَلِ آڪارَ ۾ ڪَٽِيو. چَئِنِي پاسي ليسِ چِپڪايو. ڪارِڊَ کي سُهِڻو بَڻائِڻَ لاءِ سِتارون، ڪانچ چِپڪايو يا رنگن سان ڊزائين ناهِيو. واڌائيءَ جو نياپو لِکو.

پياريِ مَمِي،

جَنَمَ ڏِينهَن جون توهانکي
لَکَ لَکَ واڌايون.

توهانجو پيارو / توهانجِي پيارِي ڌيءَ / پُٽُ،
گيتا / گڻيش

## اَچو تہ کِلوُن



**ماستر :** سونل توکي روز اِسڪول ۾ اَچڻ ۾ دير ڇو ٿي ٿئي؟

**سونل :** سَرِ چؤنڪَ ۾ وَڏو بورڊُ آهي، اَڳِيان اِسڪوُل آهي، آرام سان وَڃو. تَنهِنڪري مان آهِستي آهِستي اِينديِ آهيان.

# ١٠. لالِچ بُري بَلا

پڑھو ۽ سَمجھو.



هِڪڙو هو لوپي. ڪَنهِن پاڙيسريءَ اَچِي ڪيسِ چَيو، ’اَدا، اَڄُ مُون وَٽِ مَهِمانَ آيا آهِنِ. مَهرباني ڪَري ٿوري وَقت لاءِ هِڪُ ديڳڙو تہ ڏي.‘ لوپيءَ هِنَ کي ديڳڙو ڏِنو. ٻئي ڏِينهُن ديڳڙي ۾ هِڪَ نَنڍِي ديڳڙي وِجهِي، لوپيءَ کي موٽائي ڏِنائين ۽ چَيائينسِ تہ، ’اَدا، هيءِ وَٺُ، پَنهِنجو ديڳڙو.‘

لوپِي جان ڪَٽِي ڏِسي تہ ديڳڙِي ۾ هِڪَ ننڍِي ديڳڙِي پيئِي آهي. لوپيءَ پاڙيسريءَ کان پُڇِيو تہ، ’هيءَ ديڳڙِي ڪَنهِنجِي آهي؟‘ پاڙيسريءَ چيُسِ، ’هيءَ ديڳڙِي تُنهِنجِي آهي.‘ لوپيءَ پُڇِيُس، ’اِهو وَرِي ڪِيئَن؟‘ پاڙيسريءَ جواب ڏِنُس، ’اَدا، تُنهِنجِي ديڳڙيءَ کي مُنهِنجي گَهرِ ديڳڙِي جائِي. اِن ڪري مُنهِنجو فَرضُ

آهي تہ اِها ديڳڙِي توکي سَنڀالي ڏِيان. هاڻِ اِها ديڳڙِي تون سَنڀالِ. مان کيڏانهن کَرِيان؟'

لوڀيءَ دِلِ ۾ سوچيو تہ هي تہ کو مورکُ ٿو ڏِسجي. تَنهِن کَري ديڳڙِيءَ جِي لالَچ کَري هُن سان وَڏيکَ نہ ڳالِهايائين ۽ ماٺِ کَري ديڳڙو ۽ ديڳڙِي کَڻِي رَنڌِڻي ۾ رکيائين.

ٿورا ڏينهَنَ گُذِريا. ساڳِيو پاڙيسرِي اُنهيءَ لوڀيءَ وَٽِ آيو. چَيائينِس، 'اَدا اَڄُ مون وَٽِ گهڻا ئِي مَهِمان اَچِي ويا آهِنِ. سو مَهرِباني کَري گهرَ ۾ جيکي بہ ديڳڙا اَٿيئِي اُهي ڏي. کَمُ ٿِيَڻَ کانپوءِ سَڀُ سَلامَتِ پَهُچائي ڏِيندوسانءِ.'

لوڀيءَ جِي اَکِ ۾ ئِي ڏاٺِ هِرِيَلَ هُئِي سو گهرَ جا سَڀُ ديڳڙا کڻِي پاڙيسريءَ کي ڏِنائين. کيترائِي ڏِينهَنَ گُذرِي ويا مَگرِ پاڙيسري هِڪِڙو بہ ديڳڙو کونہ موٽايو. هِکَ ڏينهُن واٽ تي ويندي لوڀيءَ کي پاڙيسري گَڏِجِي ويو. لوڀيءَ پاڙيسريءَ کي چَيو، 'آهي تہ خَيرُ اَجا ديڳڙا کونہ موٽايا اَٿيئِي؟' پاڙيسريءَ جوابُ ڏِنُس، 'اَدا اَفِسوس تُنهِنجا ديڳڙا گُذاري ويا.' اِنهيءَ تي لوڀيءَ کي کاوڙِ لَڳِي. چيائينِس، 'چَرِيو تہ کِين ٿِي ويو آهين؟ ديڳڙا بہ کَڏهِن مَرَندا آهن؟' تَنهن تي پاڙيسريءَ وَراڻِي ڏِنَس، 'سائين مُنهِنجا! جيکڏهن ديڳڙا مَرَندا نہ آهِنِ، تہ ڄڻيندا ورِي کيئَن آهِنِ؟ اِهو ٻُڌِي لوڀيءَ جون ٻہ بہ ويئُون تہ ڇَهَہ بہ ويئُون ۽ ماٺِ کَري هَلِيو ويو.

اِنکري چَوَڻِي آهي تہ 'لالَچ بُرِي بلا' آهي.



**هدايتون :** ماستر شاگردن کي آکاڻي پڙهڻ لاءِ چوندو ۽ ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو. اَهڙي نموني جي ٻي آکاڻي لئبرريءَ مان ڪتاب وٺي پڙهي ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو ۽ ٻيون چوڻيون سيکاريندو.

## ١. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

(١) پاڙيسريءَ وَٽ ڪير آيا هُئا؟

(٢) پاڙيسريءَ لوييءَ کان ڇا گهُريو؟

(٣) پاڙيسريءَ لوييءَ کي ديڳڙي ۾ ڇا وِجهي ڏِنو؟

(۴) پاڙيسريءَ ٻئي دَفعي لوييءَ کي ديڳڙا واپس ڇو نہ ڪيا؟

(۵) هِنَ سَبَق مان ڪهڙي سِکيا ملي ٿي؟

## ٢. هيٺيَنِ اِصطلاحن جي معنيٰ لِکي جُملَن ۾ ڪَمُ آڻيو.

(١) گُذاري وجڻُ (٢) وَراڻِي ڏيَڻُ (٣) ذاتِ هرڻ

## ٣. اَچو تہ سوچِيون.

(١) خاڪو پورو ڪريو.

| ’هہ‘ اکر سان شروع ٿِيندڙ لَفظَ سَبق مان ڳولهي لِکو. | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |

(٢) برئڪيٽ مان هَم آوازِي لَفظَ ڳولهي لِکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| (الف) | دِل | | (مغز، مِل، قِقِڙ) |
| (ب) | مُنهِنجو | | (تُنهِنجو، تون، توهان) |
| (ٻ) | وت | | (وڏيڪ، گهٽو، گهٽ) |
| (پ) | واٽ | | (ٻاٽ، رستو، راهہ) |

(٣) بيان سَمجهي خالَ ڀَريو.

| بيان | ڳالهائيندڙ | ٻُڌندڙ |
|---|---|---|
| ١) ’اَدا، هي وَٽُ پَنهنجو ديڳڙو ‘ | پاڙيسڙِي | ............ |
| ٢) ’اَڄ مون وٽ مَهمان آيا آهِن. | ............ | لويِي |

(۴) ڇؤُڪنديِ مان مُناسِب لَفَظ ڳولِهيو. لَفَظَ جي آخرين اَکر سان نئون لَفَظُ شروع ڪري جواب لِکو.

| |
|---|
| لِينا، مهيش، نانڪ، شيلا، ڪويتا |

رام ← ☐ ← ☐ ← ☐ ← ☐

(۵) هيٺ ڏِنل شيون جاچي رنڌڻي جون شيون ۽ فرنيچر ۾ ورهايو.



| | |
|---|---|
| رنڌڻي ۾ ڪم | |
| فرنيچر | |

۴. ٹُڪر پڙهو ۽ ڏِنل مَشغوُليون پوريون ڪَريو.

مِنايُنِ جي شَهرَ ۾ لَڏوُن راجا راڄ ڪَندو هو. تِڪي هُئَسِ راڻِي ۽ ساڻو هوسِ وَزيرُ. هِڪڙو هوسِ راجڪُمار جَنهِن جو نالو هو گيهَر ڪُمار. هِڪڙِي هُئَسِ راجڪُمارِي، جَنهن جو نالو جليبِي ڪُمارِي. سَيِيئِي رَهندا هُئا موهَن تالَ جي مَحِلاتَ ۾

هِڪَ ڏِينهُن گيهَر ڪُمارُ ۽ سَندسِ ساٿِي پورِيندا ۽ توشا وَيا گُلشَن پور جو سئرُ ڪَرَڻَ.

١) مِنايُنِ جي شَهرَ جو راجا ڪيرُ هو؟ ٢) راڻِي ۽ جو نالو لِکو.

٣) راجڪُمار ۽ راجڪُمارِي ڪيرُ هُئا؟ ۴) سَيِيئِي ڪِٿي رَهندا هُئا؟

# ١١. ٽامي ڪُتِڙو

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.





پوُرَنِ پوُرَنِ وارَنِ وارو،
مُنهِنجو ٽامي ڪُتِڙو پيارو.
سَڏُ تي ڊوڙي ايندو آهي،
ننڊڙو پُڇُ لوڏيندو آهي.
ڇَنبِڙي پيرَ ڇَٽيندو آهي،
پيرَ ڇَٽي خوُش ٿيندو آهي.





ڏِئي نہ ڪَڏهِن مون کي ڏوکو،
کيلي مون سان کيلُ انوکو.
اِڇلِيان بالُ تہ ڪَٽِي اَچي ٿو،
جي مان ڳايان ناچُ نَچي ٿو.
راتِ سُمهي سَڀُ ٿيوُن آرامي،
رَهي جاڳَندو پَرَ هي ٽامي.





چورَنِ جو هوُ دُشمَنُ آهي،
الُرَ ڪَري هوُ تِن کي ڪاهي.
آهِ دُلارو چُستُ سَگهارو،
مُنهِنجو ٽامي ڪُتِڙو پيارو.

## (١) اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريُون ۽ لِکون. 

١. ٽامي ڪُتي جا وارَ ڪَهڙي رنگ جا آهِن؟

٢. مالِڪَ کي ڏِسي ڪُتِڙو ڇا ڪَندو آهي؟

٣. ٽامي ڪُتِڙو راتِ جو ڇو ڪونہ سُمهَندو آهي؟

٤. توهانجي گهرَ يا آسِپاس جي ڪُتي جي توهين ڪيئَن سَنڀالَ لَهندا آهيو؟

## (٢) اَچو تہ سوچيون.

توهين گهرَ ۾ ڪَهڙا جانورَ پالِيندا آهيو؟ ڪَنهِن بہ هِڪَ جانورَ تي پَنج جُملا لِکو.

## (٣) ٽُڪرُ پڙهِي ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

مُنهِنجو نالو برکا آهي. مُنهنجي پَسنِد وارو جانور ٻِلي آهي. ٻِلي مُلايَم ۽ پياري آهي. اُها اَسان جي گَهرَ ۾ رَهندي آهي. هُنَ کي صَفائي وَڻَندي آهي. ٻِليءَ کي کيرُ پيِئَڻُ وڻندو آهي. مان روزُ ٻِليءَ سان کيڏَندي آهيان.

١) هيٺِ ڇؤڪُنڊِن ۾ جواب لِکو.

١. ڇوڪريءَ جو نالو ☐

٢. جانور ☐

٢) خال ڀريو.

١. ٻلي ..................... ۽ پياري آهي.

٢. ٻِليءَ کي .................. پيِئَڻُ وڻندو آهي.

**هدايتون :** ماستر اوڙي پاڙي ۾ هوندڙ پالتو جانورن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو. جانورن تي ٻيو ڪو گيت لئبرريءَ مان ڪتاب وٺي لکي ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو. 

# ١٢. نِمِ جو وَڻُ

پڙهو ۽ لِکو.






پَرماتِما اَسان لاءِ اَنيڪ نعمَتُون پيدا ڪيُون آهِن. جِن مان وَڻُ بہ وَڏي نعمَت آهِن. وَڻَ شَهرَن ۽ ڳوٺَن جي سُونهَن ۽ رَستَن جو سينگارُ آهِن. وَڻَ خَرابُ هوا کي صافُ ڪَرِن ٿا. کي وَڻَ رڳو ڇانوَ لاءِ ٿيندا آهِن، تہ کي ميوو بہ ڏيندا آهِن.

ڇاياداِر وڻَن ۾ نِمُ جو وَڻُ سَڀِني کان سُٺو ٿيندو آهي. عام طَرَح هيءُ وَڻُ جِتي ڪِٿي اُڀرَندو آهي. اُنَ جا پَنَ ساوا ڇُهڇُ ٿيندا آهِن. هيءُ وَڻُ گهاٽو ٿيندو آهي. اِن ڪَري ڳوٺَن ۾ اونهاري جي مؤسَمَ ۾ ماڻهوُ نِمُ جي وَڻَن هيٺان سُمهي آرامُ ڪَندا آهِن. نِمُ جي ڇانوَ ٿَڌي ٿيندي آهي.

بَهارَ جي مُندَ ۾ نِمُ ۾ ٻُورَ ٿيندو آهي. اُن ٻُورَ ۾ ڏاڍي خوشبوءِ ٿيندي آهي. نِمُ جي ٻُورَ مان عَرقُ ڪَڍي پيئَڻَ سان رَتُ صافُ ٿيندو آهي. ٻُورَ مان مَهني ۾ نِموريُون نِڪرَنديُون آهِن جي ڪِن بيمارِيُن ۾ علاجَ طور ڪَتَب اينديُون آهِن.

نِمُ جي سَنهيُن ٽارِيُن مان ڏَندَڻَ ڪَبا آهِن. نِمُ جي ڏندَڻَ ڪَرَڻَ سان واتُ صافُ ٿيندو آهي ۽ مُهارُون پُختِيُون ٿينديُون

آهِنِ. واٽ ۾ بانسَ نہ رَهنديِ آهي.

نِمُ جا پَنَ پاڻيءَ ۾ وِجهي گرمُ ڪَري سِنانُ ڪَرڻَ سان چَمڙيءَ جي بيمارِي دوُر ٿِيندي آهي. اَناجَ ۾ نِمُ جا پَنَ وِجهي رکَڻَ سان اَناجُ خَرابُ نہ ٿِيندو آهي. نِمُ جيتوٽيڪ ڪوُڙي لَڳندي آهي، پر اُن ڪوُڙاڻِ مان ڏاڍو فائِدو ٿِيندو آهي. نِمُ جا ڪَچِڙا پَنَ کائڻَ سان هاضمو سُڌرنَدو آهي.



هدايتون : ماستر شاگردن کي نِمِ جو وڻ ڏيکاري اُن بابت ڄاڻ ڏيندو. ساڳيءَ ريت ٻين دوائن طور ڪم ايندڙ وڻن جي ڄاڻ ڏيندو. ٻارن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪري وڻن مان فائدا ٻُڌائيندو.

### ١. اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪَريوُن ۽ لِکون.



(١) ڪِهڙا وَڻَ شَهرَ جا سينگارَ آهِنِ؟

(٢) نِمُ جي وَڻَ جا پَنَ ڪيئَن هوُندا آهِنِ؟

(٣) نِمُ جي ٻوُر مان ڇا ڪَڍِبو آهي؟

### ٢. اَچو تہ سوچِيوُن.

(١) اَسان کي وَڻَ ڇو پوکڻُ گُهرجَنِ؟

(٢) ڇا توهان وَڻَ جا ٻاڻا ٻُڌائي سَگهو ٿا؟

(٣) ڪِنِ بہ پَنجَنِ وَڻنِ جا نالا ٻُڌايو.

(٤) ناريلَ جي وَڻنِ مان ڪَهِڙا فائدا آهن. لِکو.

### ٣. عددن جا جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| (١) ميوو | (١) مُهاروُن |
| (٢) مُهار | (٢) نِموريوُن |
| (٣) ٽارِي | (٣) ميوا |
| (٤) نِموري | (٤) ٽاريوُن |

۴. دوائن جا وڻ / ٻوٽا سُڃاڻو.

   

۵. برئڪيٽ ۾ ’صَحيح‘ ✓ يا ’غَلَط‘ × لِکو.

(۱) نِمُ جا ڪَچڙا پَنَ هاضمي لاءِ سُٺا آهِن. ( )

(۲) وَڻَ پوکڻَ سان هوا خَرابُ ٿِيندي آهي. ( )

(۳) نِمُ جا ڏندڻَ مُهارُن کي پُختو بڻائين ٿا. ( )

(۴) اَسان کي وَڌيڪ وَڻَ پوکڻُ گهُرجَن. ( )

۶. برئڪيٽ مان مُناسِب لَفظَ ڪڍِي خالَ ڀَرِيو.

(۱) نِمُ جي ڇانوَ .................... ٿِيندِي آهي. (گرم، ٿَڌي، نَرَم)

(۲) وَڻَ خَرابُ هوا کي .................. ڪَنِ ٿا. (غَلِيظ، صاف، گِهمَ)

(۳) نِمُ جي وَڻَ جا پَنَ ............. ڇُهچُ ٿِيندا آهِن. (پِيلا، ڳاڙها، ساوا)

(۴) بَهارَ جي مُندَ ۾ نِمَ ۾ .................... ٿِيندو آهي. (ٻُورُ، ميوو، نِموري)

۷. ساڳِئي معنيٰ وارَن لَفظَن جا جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| (۱) نعمت | (۱) ڪَمُ |
| (۲) ڇُهچُ | (۲) سُڳَنڌِ |
| (۳) خوشبوءِ | (۳) مُندَ |
| (۴) ڪَتَبُ | (۴) بخشيش |
| (۵) مؤسم | (۵) گهاٽا |

۸. هينئين لَفظَن جا اُبتڙ لَفظَ لِکو.

(۱) وَڏي ............... (۲) خَرابُ ............... (۳) صافُ ...............

(۴) ڇانوَ ............... (۵) اونهارو ............... (۶) خوشبوءِ ...............

۹. هينئين جُملَنِ ۾ نِهَکَندڙ بيهَڪَ جون نِشانيون ڏيو.

نِمُ جيتوڻيڪ کوڙي لَڳندي آهي پر اُن کوڙاڻَ مان ڏاڍو فائدو ٿيندو آهي. نِمُ جا ڪَچڙا پَنَ ڪائِڻَ سان هاضمو سُڌرنَدو آهي واهه نِمُ جي ٻُوُرَ جي عَرقَ مان رتُ صافُ ٿيندو آهي

۱۰. هينئيان لَفظَ پڙهو ۽ لِکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| بي دولو | نامُمکِنِ | عجيبُ | گُلزاري | نُقطو |
| زَخمِي | سَپاجهو | وَطَنُ | لَغَزُ | صابُڻُ |
| مکِرُ | غَمُ | خَلقَ | نِيازُ | گُلدَستو |
| علاج | خُدا | تَقديرَ | عزيزُ | کَتِمنو |

۱۱. ٽُکر پڙهي ڏنل مَشغوليُون پوريُون ڪَريو.

ماتائون ٽِنِ قِسمَنِ جون ٿينديون آهِنِ. پَهرين ڌرتي ماتا، ٻِي جيجَلَ ماتا ۽ ٽين وَطن جي ماتا. ڌرتي ماٿِهن کي رَهڻَ لاءِ جَڳِهه ۽ کاڌو ڏِئي ٿي. جيجَلَ ماتا ٻارَ کي پالي وَڏو ڪَري ٿي. ٻاڻَ نه ڪائي پَنهِنجي ٻارَ کي ڪارائي ٿي. ٻارت ماتا پَنهِنجي ديش لاءِ حُبَ پيدا ڪري ٿي.

(۱) اَسانجون ماتائون ڪير ڪير آهِنِ؟

(۲) وَ سان شروع ٿيندڙ ٻه لَفظَ لِکو.

(۳) ديش لاءِ ڏِنَل لَفظُ لِکو.

(۴) ضِدَ لِکو : ۱. گرم ۲. پَنهِنجو

# ١٣. قومي ڏِڻَ

پڙهو ۽ ڌيان ۾ رکو.



اَسان هَرِ سالِ ڪيترائِي ڏِڻَ مَلهائِيندا آهِيوُن. مُلڪَ کي ايڪِتا جي ڌاڳي ۾ ٻَڌِڻَ وارا ٻه قومِي ڏِڻَ هَرِ سالِ اِيندا آهِن. هِڪُ آزاديءَ جو ڏِينهُن ۽ ٻِيو آهي پرجاوادِي ڏِينهُن.

هَرِ سال اَسان پَندرهين آگستِ تي آزاديءَ جو ڏِينهُن، ڏِڻَ وانگُرُ مَلِهائيندا آهِيوُن. ڀارَت جي راجڌانِي دهليءَ ۾ لال قِلعي تي اَسان جو پرڌان مَنترِي قومِي تِرَنگو جَهنڊو ڦِهرائِيندو آهي ۽ قومَ جي نالي پيغامُ ڏِيندو آهي.

ساڳِيءَ رِيِت هَرِ سالِ ڇَويِهين جَنوَرِي سَڄي ديشَ ۾ پرجاوادِي ڏِينهن جي روُپَ ۾ مَلِهايو ويندو آهي. ڀارَت ديشَ جو راشِٽرپَتِي نئِين دِهليءَ ۾ لال قِلعي تي جَهنڊو ڦِهرائِيندو آهي. اِن ڏِينهُن وِديشِي مُلڪَ جي ڪَنهِن نيتا کي ٻه مُکِيه مِهمانَ طورِ گهُرايو ويندو آهي. ديشَ جي فوَجَ جي ٽِنهِي حِصَنِ جا جَوانَ پَنهِنجا ڪَرتَبَ ڏيکارِيندا آهِنِ ۽ اَلَڳ اَلَڳ راجِيَنِ طَرفان دِلڪش نِظارا پيشِ ڪَيا ويندا آهِنِ. پَريڊِ ۾ ڪيترائي اِسڪوُل ۽ ڪاليجَ جا ٻارَ ڀاڱُه وَٺَندا آهِنِ.

اِهي ٻئي قومي ڏِڻَ سَڄي ديشَ ۾ ڌامَ ڌوُم سان مَلِهايا ويندا آهِنِ. ٻِنهي مؤقعَنِ تي ڪيترائي ديشَ ڀڳتيءَ جا پروگرام بہ ڪيا ويندا آهِنِ.

١. اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪَريوُن ۽ لِکون. 

(١) اَسين ڪَهڙا بہ قومي ڏِڻَ مَلِهائيندا آهيوُن؟

(٢) آزاديءَ جو ڏينهُن ڪَڏهِن مَلِهايو ويندو آهي؟

(٣) آزاديءَ جي ڏينهَن تي لال قِلعي تي جَهندو ڪيرُ ڦَهرائيندو آهي؟

٢. اَچو تہ سوچِيوُن.

(١) توهان جي اِسڪول ۾ ٢٦ جنوَري ۽ ١٥ آگستِ ڪيئَن مَلِهائيندا آهيو؟ لِکو.

(٢) پرجاواديِ ڏينهُن ۽ آزاديِ ڏينهَن ۾ ڪَهڙو فَرقُ آهي.

٣. اَچو تہ گيان وَڌايوُن.

(١) مُلڪَ کي ................ جي ڏاڳي ۾ ٻَڌڻ وارا بہ قومي ڏِڻَ هَرِ سال ايندا آهِن.

(٢) آزاديءَ جي ڏينهُن اَسان جو پرڌانُ مَنتري قومَ جي نالي ................... ڏيندو آهي.

(٣) ڇَويهين جَنوَري سَڄي ديش ۾ ................ جي روُپ ۾ مَلِهايو ويندو آهي.

٤. اَچو تہ مِثال سمجهِي ’هِڪُ‘ ۽ ’گَهڻا‘ - خاڪو پورو ڪَريوُن.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| هِڪُ | جَهَندو | ..................... | قِلعو | ..................... |
| گَهڻا | جَهَندا | راجڌانيون | ..................... | نِظارا |


هدايت : ماستر شاگردن سان قومي ڏڻن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو ۽ خاص ڏينهن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري ٽيچرس ڏينهن بابت لِکڻ لاءِ چوندو.

## پاڙ ڪَرِيان - پاڙ سِکان

١. خاص تاريخُنِ ۽ ڏِينهَنِ جا جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| (١) ٥ سيپٽمبر | (١) اَنترراشٽريہ مَهِلا دِوَسِ |
| (٢) ٢ آڪٽوبر | (٢) ماسترن جو ڏِينهُن |
| (٣) ٢١ جون | (٣) اَنترراشٽريہ يوگا دِوَسِ |
| (٤) ٨ مارچ | (٤) مَهاتما گانڌِي جَيَنتِي |

٢. ڊِي.وِي.ڊِي، سِي.ڊِي. يا يوُٽيوُب تي ديش ڀڳتي گِيت ٻُڌو.

٣. جَهَنڊِي سان لاڳاپو رَکَندڙ رنگَنِ ۽ نِشانيُن تي ٻہ ٻہ جُمِلا ٻُڌايو ۽ لِکو.

٤. ڪَنهِن ٻہ ديش ڀڳَت جي باري ۾ پڙهو ۽ لِکو.

٥. قومي ڏِڻ تي توهِين ڇا ڇا ڪَندا آهِيو؟ ٻُڌايو.













# وِياڪَرڻ

## اِسم

مُنهنجو دوست هريش آهي. ماءُ کيس هِڪُ وَڏو لَغڙ وٺي ڏِنو. رَميش اُن ۾ ڏورَ ٻَڌي هَوا ۾ اُڏايو. لَغڙُ اُپي ۾ مَٿي چَڙهَندو ويو. اوچتو جو هِڪُ زوردار جَهٽِڪو لَڳو ۽ لَغڙ واري ڏورَ ٽُٽي پيئي ۽ لَغڙُ پَري وَڃي پيڙ ۾ ڪِريو.

دوست جو نالو 'هريش' آهي. جَنهِن شيءِ سان هِنَ راند پئي ڪَئي، اُهو 'لَغڙُ' آهي. لَغڙ 'هَوا' جي مَدَدَ سان مَٿي 'اُپي' ۾ اُڏامي ٿي سَگهيو. جيڪا شيءِ ٽُٽي پيئي اُها 'ڏورَ' آهي. لَغڙُ جتي ڪِريو اُتي ماڻهن جي 'پيڙ' هُئي.

اِسمَ جو مَطلَبُ آهي 'نالو'

اُهو لَفظُ جيڪو ڪَنهِن ساهواري، شيءِ، جڳهِ، گُڻ يا ميڙ جو نالو ٻُڌائي، اُن کي اِسمُ چَئِبو آهي.

مٿئين ٽُڪَرَ ۾ 'دوست'، 'هريش'، 'لَغڙُ'، 'ڏور'، 'هَوا'، 'اُپي'، 'جَهٽِڪو'، 'پيڙ' وغيره اِسمَ آهِن.

- هيٺيَن جُملَن مان اِسم چونڊي اُنهن جي هيٺان ليڪ پايو.

١) اُٺُ پالتوُ ۽ ڪارائتو جانورُ آهي.

٢) ڪَنڌَنِ ڪانسواءِ نِمُ جا پَنَ هُنَ کي جامُ وَڻندا آهِن.

٣) ڪِرڪيٽ رانِد ۾ پارتَ کَٽيو.

٤) باغَ ۾ سُهِڻا گُلابَ جا گُلَ آهِن.

٥) شيامَ کي فوٽ بال رانِد ۾ چاهُه آهي.

# ١٤. رکڙِي

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.







ڀيڻ ۽ ڀاءُ جو رَهندو پيارُ
جيسين آهي هيءُ سَنسارُ
ڀيڻ ڀاءُ لاءِ ڏيندي جانِ،
ڀيڻَ لاءِ ٿيندو ڀاءُ قُربانُ.
نَنڍڙي نَنڍڙِي آهي رکڙي،
ڪوملُ آهي بِلڪُل سَنهِڙي.
سَچُ پَچُ آهي پَرَ بَلوانُ،
پريمَ ۽ تياڳَ جو آهي نِشانُ.
رکڙِي ٻَڌندي ڀيڻَ نَري،
ڀاءُ ٿو ڀيڻَ جِي جهولَ ڀَري.
قُربَ سان ڪوني ڀيڻَ ٿِي آءُ،
ڪينَ لَڳَئِي شَلَ ڪوسو واءُ.
جُڳُ جُڳُ جيئَندين مُنهِنجا ڀاءُ،
تُنهِنجي مُنهِنجِي هِڪڙي ماءُ.
موٽَ ۾ ڀاءُ ڪَري اِقرارُ
وِنگو نـ ٿِيندو تُنهِنجو وارُ.

**هدايتون :** ماسترشاگردن کي رکشا ٻنڌن ڏڻ جِي اَهميت سمجهائيندو.
شاگردن سان ڀين ڏڻن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو.

١. اَچو تہ ڳالھِہ ٻولھِہ ڪَريُون ۽ لِکون.

(١) ياءُ کي ڪيرُ رڪڙي ٻڌندو؟
(٢) رڪڙي سَنھڙي ھوندي بہ ڇا آھي؟
(٣) رڪشا ٻنڌن ڪَھڙي مَھيني ۾ ايندو آھي؟
(۴) پيڻَ ياءُ جو پيار ڪيستائين قائمُ رَھندو؟
(۵) پيڻَ ڇو تي نَري؟
(٦) پيڻَ ياءُ کي ڪَھڙي آسيس ڪَري تي؟
(٧) رڪڙي ڇا جي نِشاني آھي؟

٢. ساڳئي اُچار وارا لَفَظ لِکو.

(١) نَري - ______ (٢) سَنسارُ - ______
(٣) ياءُ - ______ (۴) رڪڙي - ______

٣. اَچو تہ سوچيُون.

١. توھان جي گَھرَ ۾ رڪشا ٻَنڌَن ڪيئَن مَلھائيندا آھِن؟
٢. توھان پَنھنجي پيڻَ جي مَدَدَ ڪيئَن ڪَندا آھيو؟

## پاڻَ ڪَريان - پاڻَ سِکان

١. مِثال سَمجھي ھيٺ ڏِنلَ سِٽُن ۾ لَفَظَن جو سِلِسلو ٺاھي لِکو.

مِثال : جيسين آھي ھيءُ سَنسارُ
جواب : جيسين ھيءُ سَنسارُ آھي.

(١) پيڻَ لاءِ تيندو ياءُ قُربانُ.
(٢) ياءُ تو پيڻَ جي جھول يَري.
(٣) موتَ ۾ ياءُ ڪَري اِقرارُ.
(۴) پيڻَ ياءُ لاءِ ڏِيندي جانِ.

٢. ’ٿَڌِڙِي‘ ڏِڻَ تي ٦ کان ٨ جُمِلا لِکو.

٣. اَچو تہ رکڙِي ٺاهِيون.



٤. هيٺين چِترَ ۾ ڪَهِڙو خاص ڏِينهنُ مَلهائي رَهيا آهِنِ؟ اُنَ بابَتِ ٦ کان ٨ جُمِلا لِکو ۽ ٻُڌايو.



# اَچو تہ سِکون

## (۱) اَڳياڙيون

اَ، بي، غير، نا، اَڻ اِهي اَڳياڙين جي روپ ۾ ڪم آڻي، نوان لَفَظ ٺاهي سگهِبا آهن. مثال :- ڌرم - اَڌرم، عقل - بي عقل

اَهڙي نموني هيٺ ڏنل لفظن ۾ اَڳياڙي ڪم آڻي نوان لَفَظ ٺاهِيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| شرم | ................ | سمجهہ | ................ | مُنڌائتو | ................ |
| جوابدار | ................ | جايون | ................ | واجِب | ................ |
| ايمان | ................ | ٺهڪندڙ | ................ | پوُرو | ................ |
| مُمڪن | ................ | پَوِتر | ................ | قانوني | ................ |

## (۲) پڇاڙيون

دار، ي، وان، دان، دايڪ، اِهي پڇاڙِيءَ جي روپ ۾ ڪم آڻي، نوان لَفَظ ٺاهي سگهِبا آهن. مثال :- هوا - هوادار، تيار - تياري

اَهڙي نموني هيٺ ڏنل لفظِن ۾ پڇاڙي ڪَمُ آڻي نَوان لَفَظ ٺاهِيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| هوشيار | ................ | زمينَ | ................ | سَنسڪارَ | ................ |
| علمِ | ................ | غَريبُ | ................ | مَضبوُط | ................ |
| تعليمَ | ................ | ڏَنُ | ................ | لوڀُ | ................ |
| ٻُڌِي | ................ | مُسافِرُ | ................ | قرضُ | ................ |

# ١٥. هيرو ۽ ڪوئلو

ٻُڌو ۽ ڳُفتگُو ڪَرِيو.



**هِيرو :** ڪوئلا! تون پَري ٿِي هِتان.

**ڪوئلو :** ياءُ هيِرا! ڇا ٿِيو؟ ايڏو غُصي ۾ ڇو آهين؟

**هِيرو :** مان آهِيان هيِرو! شاندار چِمڪندڙُ هيِرو ۽ تون ڪارو ۽ بَدِصوُرتِ ڪوئلو. هِنَ دُنيا ۾ مُنهِنجو ڪيڏو نہ مُلهُہ آهي!

**ڪوئلو :** مَنَ هيِرا، ايڏو گَهمَنڊُ نيِڪ نہ آهي. مان مَڃان ٿو تہ تون شاندار آهِين، چِمڪيِلو آهِين، پَرَ هِڪَ ڳالهِہ مان ضَروُرُ چَوَندُسِ، تون نادانُ آهِين.

**هِيرو :** (ٺَهَڪَ ڏِيندي) ڪارو ڪوئلو، هيِري کي صَلاحَ ٿو ڏئي! توکي ڄاڻَ آهي تہ بازار ۾ تُنهِنجي ۽ مُنهِنجِي قيِمَت ۾ زَمِين آسِمانَ جو فَرقُ آهي!

**ڪوئلو :** چڱو ٻُڌاءِ، تون ڪيئن ڪَمائتو ۽ ڪارائتو آهين؟

**هِيرو :** ها، اَهڙا، سُوالَ پُڇ تہ جوابُ ٻُڌايانءِ. پَهرِين تہ مُنهِنجي توسان پِيٽَ ٿي نہ سَگهندي. خير، تہ بہ ٻُڌُ. مان زيورَن جي سوُنهَن وَڌايان ٿو. راجا، اَمِير اُمراءَ ۽ وَڏا وَڏا ماڻهو مُنهِنجا شائق آهِن. زالوُن پَنهِنجن ڳهڻَن ۾ مُنهِنجي مؤجوُدِگي چاهِينديوُن آهِن. بَس، يا اَڃا ڪُجهہ ٻُڌايانءِ؟

**ڪوئلو :** (مُشڪندي) واهہ واهہ! زيورَن ۾ توُن ڪَمِ ايندو آهين. وَڏا وَڏا ماڻهو توکي چاهِيندا آهِن، اِنهن ڳالهِيُن تي توُن ڪڏِين وينو!

**هِيرو :** نيڪ آهي. تو مان ڪهِڙا فائدا آهِن؟

**ڪوئلو :** اِنجڻِ هَلائڻَ ۾ مان ڪَمِ ايندو آهيان. بِجلي ناهِڻَ ۾ مُنهِنجو اِستعمالُ ٿِيندو آهي. غَرِيب ماڻهو مونکي ٻاري کاڌو تيار ڪَندا آهِن. مان لوهہ ۽ رَڪَ جي ڪارخانَن ۾ ڪَمِ ايندو آهيان.

**هِيرو :** پَرَ مان دُنيا ۾ سِيني کان سَخت جِسمُ آهيان. شيشي کي ڪَٽڻِ ۾ بہ مان ڪَمِ ايندو آهيان.

**ڪوئلو :** مونکي اِها ڄاڻَ آهي، پَرَ هِڪ ڳالهہ ضَرورُ ٻُڌُ. تُنهِنجو جَنَمُ بہ مون مان ٿِيو آهي. مون تي جَڏهِن زوردارِ دابُ ايندو آهي. تَڏهِن چَڱي عرِصي کان پوءِ توکي اِهو روُپُ مِلَندو آهي. حقيقَت ۾ اَسان ٻئي هِڪ گهَرَ جا ڀاتي آهِيوُن.

**هِيرو :** ڀاءُ ڪوئلا!! مون آڻِ مَڃِي. تو مُنهِنجوُن اَکيون کولي ڇَڏِيون. مون مَڃِيو، تون مُنهِنجو وَڏو ڀاءُ آهِين.



**هدايت :** ماستر شاگردن ۾ نمرتا جو گُڻ وڌائڻ لاءِ جدا جدا مثال پيش ڪندو ۽ شاگردن کي 'هِيرو' ۽ 'ڪوئلو' جو ڪردار ڏيئي اَداڪاريءَ سان گفتگو ڪرائيندو.

۱. اَچو تہ ٻالهِہ ٻولهِہ ڪَريُون ۽ لِکون.

(۱) هيري ۽ ڪوئلي مان چمڪندڙ ڪيرُ آهي؟

(۲) گاڏيءَ جي اِنجڻ ۾ ڇا ڪَمِ ايندو آهي؟

(۳) شيشي کي ڪَٽڻ لاءِ ڇا ڪَمِ ايندو آهي؟

(۴) هيري ۽ ڪوئلي مان وَڏو ڀاءُ ڪيرُ آهي؟

۲. اَچو تہ سوچِيُون.

(۱) ڪِئلي ۽ هاٿِي ٻاڪَ ۾ ٻالهائِنِ ٿا ڪُجهہ جُملا ٻُڌايو. اَهڙي نموني شينهُن ۽ ڪوئو اُن وِچِم گُفتگوُ لِکو.

۳. هيٺيَن سُوالَن جا جواب لِکو.

(۱) ڪوئلي هيري کي ڪَهڙي صَلاحَ ڏِني؟

(۲) زيورَن جو سِرتاج ڪيرُ آهي؟

(۳) ڪوئلي مان ڪَهڙا فائدا آهِنِ؟

۴. هيٺيان جُملا ڪَنهِن، ڪَنهِن کي چَيا آهِنِ؟

(۱) ”تُنهنجو جَنَمُ بہ مون مان ٿِيو آهي. “

(۲) ”غَريب ماڻهوُ مونکي ٻاري کاڌو تيار ڪَندا آهِنِ. “

(۳) ”ايڏو گَهمَنڊُ نيڪ نہ آهي. “

(۴) ”توکي ڇاڪَ آهي تہ بازار ۾ تُنهنجي ۽ مُنهنجي قيمَت ۾ زَمِين آسمانَ جو فرقُ آهي.“

۵. ضِدَ لِکو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| گرمي - | | غَريبُ - | |
| سَخُتُ - | | بَدِصوُرت - | |

٦. سَبقَ مان ڏکيَنِ لَفظَنِ جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڳولهي لِکو.
نادان، حَقيقَت، سِرتاج، اَصليَت، شائق، اَمير اُمراو، ڪُڏڻ
٧. ڏنل سبق جو تاتپرجُ ٽِن کان چَئِن جُملَنِ ۾ لِکو.

## پاڻَ ڪَرِيان - پاڻَ سِکان

١. مِثال سَمِجهي هيٺِ ڏِنل جُملَنِ ۾ غَلَطِ حصي مَٿان گول پايو ۽ صَحيح جُملو لِکو.

مِثال : هِنَ دنيا ۾ / مُنهِنجي / مُلهُه آهي.

صَحيح جُملو: هِنَ دُنيا ۾ مُنهِنجو مُلهُه آهي.

(١) مان / زيورَنِ جا / سونهَن وَڌايان ٿو.

صَحيح جواب: ..............................................................................

(٢) تو / مان / ڪَهڙو / فائدا آهِنِ؟

صَحيح جواب: ..............................................................................

(٣) اَسان / هِڪَ گَهرَ جا / ياتي / آهي.

صَحيح جواب: ..............................................................................

(٤) مونکي / اِها / چاڻَ / آهِنِ.

صَحيح جواب: ..............................................................................

٢. هينيون ٽُڪرُ ٻُڌي ڪَري لِکو ۽ مُناسِب جَڳهِ تي بيهَڪَ جون نِشانيون ڏِيو.

کوريءَ هُن کي اُٺاري سَمجهايو پُٽَ جيڪَڏهِن مان لالَچ ڪَريان ها تہ تُنهنجي حالَت بہ اِئين ٿي وڃي ها پر هاڻي توکي پَنهِنجي غَلَطي مَحسوس ٿي آهي تون وَري اَهڙي ڀُلَ نہ ڪَندين هڪ شيءِ اَجائي ويئي تہ ڇا ٿِيو پر تُنهِنجي حالَت تہ سُڌري ويئي

### ٣. ساڳئي معنيٰ وارا لَفَظَ

مِثال (١)

| | | | |
|---|---|---|---|
| | ماءُ | | |
| اَمَرُ | اَمان | ماتا | جيجَلِ |

مِثال (٢)

| | | | |
|---|---|---|---|
| | مَهِرَ | | |
| دَيا | آسيِسَ | رَحِمُ | ٻاجهه |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | وَقتُ | | |
| | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | پاڻي | | |
| | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | پيار | | |
| | | | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | پرارٿنا | | |
| | | | |

# اَچو تہ سِکُون

**مَڪانِي ٻولِي :** اُها ٻولي جيڪا عام طور گهرَ ۾ ڳالهائِي ويندي آهي. اُها ٻولي اَدبي ٻوليءَ کان ٿوري ڦِريَلَ هوندي آهي.

**مثال :** ١. تون ڪاڏي وڃين ٿو؟

٢. جاڏي ٻہ نِهار.

٣. ماکي ڪونہ خبر.

**اَدبِي ٻولِي :** اُها ٻولي جيڪا معيارِي ٻولِي آهي. جَنهِن جو واسِطو اَدَبَ سان هوندو آهي. اِن ٻوليءَ جو اِستعمال ساهِتيہ ۾ ڪَيو ويندو آهي.

**مثال :** ١. ڇوڪِرو ڪِٿي ويو؟

٢. جِتي ٻہ نِهارِ.

٣. مونکي خَبَرَ ڪونهي.

هيٺِ مَڪانِي ٻوليءَ ۽ اَدبِي ٻولِيءَ جا لَفَظَ ڏِنل آهن.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪاڏي | شو | بانڊا | هيڏي | آن ءُ |
| ڪِٿي | ڇو | باسڻ | هِتي | مان |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| واٽَ | ڇورو | آءُ | هوڏي | ٿنگان |
| رَستو | ڇوڪرو | اَچُ | هُتي | ٿَنگون |

اَهڙي نَمُوني توهان کي جاڻَ هُوندڙ مَڪانِي ۽ اَدبِي ٻوليءَ جا لَفَظَ ۽ جُملا لِکو.

# ١٦. مؤن کي سيکارِ

ٻڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.







مورَ او مورَ! نَچڻُ توُن ڪَنهِن ڪان سِڪئين!
مؤن کي بہ سيکارِ!
ڪوئِلِ او ڪوئِلِ! ڳائِڻُ توُن ڪَنهِن ڪان سِکيِنءَ!
مؤن کي بہ سيکارِ!
هَرَڻَ او هَرَڻَ! ڊُڪَڻُ توُن ڪَنهِن ڪان سِڪئين!
مؤن کي بہ سيکارِ!
مَڇِي او مَڇِي! تَرَڻُ توُن ڪَنهِن ڪان سِکيِنءَ!
مؤن کي بہ سيکارِ!
پَکِي او پَکِي! اُڏڻُ توُن ڪَنهِن ڪان سِڪئين!
مؤن کي بہ سيکارِ!
چَتوُن او چَتوُن! لاتِيون لَنوَڻُ ڪَنهِن ڪان سِڪئين!
مؤن کي بہ سيکارِ!







هدايت : ماستر شاگردن سان پکين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري ڄاڻ ڏيندو ۽ ڪنهن بہ هڪ پکيءَ بابت اِنٽرنيٽ ذريعي لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## ١.  اَچو تہ ڳالهِہ ٻولهِہ ڪَرِيون ۽ لِکون.



(١)  ڪيرُ نَچي ٿو؟

(٢)  پاڻيءَ جو جيِوُ ڪَهِڙو آهي؟

(٣)  چِتوُن چا ٿو ڪَري؟

(۴)  ڊوڙڻ ۾ ڪيرُ تيز آهي؟

## ٢.  اَچو تہ سوچِيون.

(١)  ڪَهِڙو پَکِي آسمانَ ۾ سَڀِنيِ کان مَٿي اُڏامَندو آهي؟

(٢)  ڪَهِڙو پَکِي ڏِينهَن جي وَقتِ ڏِسِي ڪونہ سَگهندو آهي؟

(٣)  ڪَهِڙو جانوَرُ زَمِينَ توڙي پاڻيءَ ۾ رَهِي سَگَهندو آهي؟

## ٣.  بيِتُ پَڙهِي ڏِنلَ مَشغوُلِيوُن پوُرِيوُن ڪَرِيو.



اُڏامي پيو اُڀ ۾ هَوائِي جَهازُ،
پَري کان ڏِسڻَ ۾ اَچي ٿو ڪو بازُ،
هَواباز ُ هِنَ کي هَلائي پيو،
هَوا سان شَرِطوُن پُڄائي پيو،
چَڪَرَ پَهِرِين ميدانَ تي ٿو هَڻي،
پوءِ پاڙَهِي مَٿي پاڻَ کي ٿو کَڻي.

١) هَوائِي جَهازُ ڪَنهِن وانگرُ لَڳي ٿو؟

٢) ڪَنهِن سان شَرِطوُن پُڄائي ٿو؟

٣) هَوائِي جَهازُ پَهرِين چا ٿو ڪَري؟

۴) اُڀ جو ساڳِي معنيٰ وارو لَفَظُ لِکو.

۴. مَشَغوُلي ڪَرائِيندڙ لَفَظ جا ڪُجھُ مِثالَ ڏِنَلَ آهِنِ. چِترَ ڏِسِي مُناسب مَشغوُلي ڪَرائِيندڙ لَفَظ لِکو.

ڪِلَڻُ، ڊوڙڻُ، تاڙِيوُن وڄائڻُ، لِکَڻُ، پَڙهڻُ، ٻُڌڻُ، ڪائِڻُ،
روئِڻُ، ڳائِڻُ، نَچڻُ، پيِئَڻُ، بندِ ڪَرَڻُ








# سِلِيو پرولِيُون - ڪائو ڪيرولِيُون

پَڙهو ۽ ٻُڌايو.



۱. جَلَ ۽ ٿَلَ ۾ آنءُ رَهان ٿو،
ٽرٻ ٽرٻ سُر ۾ ڳايان ٿو.
بَرسات اَچي خوُب وَٺي ٿي،
پوءِ تَلاوَنِ ساڻ لَڳي ٿي.



۲. پاڻَ جَڳائِڻَ وارو ناهي،
ڪيس ڏِسي جَڳُ اُٿندو آهي.
شَڪتيءَ جو آهي ڀَنڊارُ،
وَرِي وَرِي ڪَرِ نَمسِڪارُ.



۳. ڪارو رَنگُ ڪارو اَٿس،
توسان مُونسان سَنگُ اَٿس.
ڪَڏهِن نَنڍو آ ڪَڏهِن وَڏو آ،
بِلِڪُل گُونگو، صَفا جَڏو آ.



۴. پيرَ نہ هِنڪي ٿِيندو آهي،
نِينگَ ٿَپا تہ بہ ڏِيندو آهي.
وَرِ وَرِ سَپَ جِي مارَ سَهي ٿو،
ويچارو تہ بہ ڪُجهُ نہ چَوي ٿو.

# ١٧. رائيگڙهه جو سير

پڙهو ۽ سمجهو.



شِواجي مَهاراج جا ڪيترائي قِلعا هُئا پَرَ اُنهن سَڀني ۾ مُکيہ قِلعو رائيگڙهه هو.

اِهو قِلعو رائيگڙهه ضلعي ۾ مَهاڙ ڳوٺ پَرسان آهي. شِواجي مَهاراج رائيگڙهه کي ئي پَنهنجي راڄڌاني بڻايو، جو اِهو قِلعو سَندَس ٻِيَن قِلعن جي ڀيٽَ ۾ وَڌيڪ سَلامَتيءَ وارو هو، اُهو اوچي پَهاڙ تي آهي ۽ اُن ۾ پَهُچَڻَ لاءِ فَقَط هِڪُ ئي پيچرو آهي.

هَلو تہ اَسين تہ اِنهيءَ قِلعي جو سير ڪريون. هيءُ قِلعي جو مُکيہ شاهي دروازو آهي. دروازي جي ٻِنهي پاسَن کان اوُچا چَبوُترا آهِن. چَبوُترَن ۾ نَنڍيوُن ڪِڙڪيوُن آهِن. سِپاهي اُنهن ڪِڙڪِيُن تان پَهرو ڏيندا هُئا. هوُ قِلعي ڏانهن اِيندڙ دوست دُشمَن تي نَظَرَ رکندا هُئا.

ڏسو تہ قِلعي جي ديوار ڪهڙي نہ مَضبوُط آهي! اُن جا پَٿَرَ ڪهڙا نہ لَسا آهِنِ! لَسا پَٿَرَ ان لاءِ ڪَٽَيا آندل آهِنِ جيئن دُشمن ديوارَ تان چَڙهِي قِلعي ۾ داخِل ٿي نہ سَگهي.

هاڻي قِلعي ۾ اَندرِ هَلو. سامهون شِواجي مَهاراج جو خاص مَحلات آهي. پَرسان جيڪي بِيا نَنڍَڙا مَحِلات ڏِسو ٿا اُنهن ۾ سَندَسِ مَنتري رَهندا هُئا. مُکيہ مَنتريءَ کي پيشوا ڪري سَڏيندا هُئا.

هيٺ کُليَل عمارَتَ ۾ راج دربارِ اَٿوَ. سامهون راج سِنگهاسَنِ آهي. شواجي مَهاراج اُن سِنگهاسَن تي ويهي دَربارِ هَلائيندو هو. هِن جو راج تِلڪِ اُتسوُ بہ اِنهيءَ دَربارِ ۾ ٿيو هو.

هيءُ تَلاءُ ڏِسو. اِن تلاءَ جو نالو گَنگا ساگر آهي. دُشمن جڏهن قِلعي کي گهيرو ڪندا هُئا تَڏهِن اِن تلاوَ کري لَشڪَرَ کي پاڻيءَ جي کابہ کوٽِ ڪانہ ٿيندِي هُئِي.

هوُ پَريان اَنبارخانا، باروت خانا، هاٿين ۽ گهوڙن جا طبيلا اَٿوَ. هاڻي اَچو تہ رائِبَڙهہ جي بازارِ ڏِسون. هِن بازار ۾ ڪا خاص ڳالهہ ڏِسڻ ۾ اَچيوَ ٿي؟ ڏِسو، سَڀُ دُڪان زَمين کان مَٿيَرو نَهيَلَ آهِنِ. ڇو؟

اَمير ۽ درباري خريداري ڪَرَڻَ لاءِ اَڪثر گهوڙن تي چڙهي ايندا هُئا، اُهو گهوڙن تي ويني ئي دُڪانَنِ ۾ رکيَلَ چيزوُن نَظَرَ مان ڪَڍندا هُئا. دُڪان مَٿيَرو هُئڻ ڪري ڪين گهوڙَنِ تان لَهَڻَ جي ضروُرَت ڪانہ پَوَندِي هُئِي.

قِلعي جي ساجي پاسي ۾ نظرَ ڦيرايو. اُتي جَڳديشوَرَ جو مَندرُ آهي. شِواجيِ مَهاراج تَمامُ ڌرمشت هو. هِنجيِ ڌرَمَ ۾ ڏاڍيِ شرڌا هُئيِ.

توهين شايدِ ٽَڪِجي پيا هوُندا. پَرَ رائيگَڙھ ۾ اَچيِ شواجيِ مَهاراج جي سَماڌيءَ جو درشن نه ڪيو ته اَچڻُ ئيِ اَجايو ٿيندو. تَنهن ڪري شير شِواجيءَ جي سَماڌيءَ جو درشن ضرور ڪريو. هِن جي سَماڌيءَ تي شرڌا جا گُل چاڙھيو. جِن جوڌن اَسان جي ديس جيِ رکيا ڪَئيِ تِن کي عزتَ ڏِيڻُ اَسانجو فرضُ آهي.

جيڪا قوم پَنهنجَنِ ويرَنِ ۽ ديس ڀڳتَنِ جيِ عزتَ نَٿيِ ڪَري اُن قوم جيِ بيا ۾ عزتَ ڪونه ڪَندا.

١. اَچو ته ڳالهِ ٻولهِ ڪَريوُن ۽ لِکون.

(١) شِواجيِ مهاراج جو مُکيہ قِلعو ڪَهڙو هو؟
(٢) رائيگَڙھ قِلعو ڪِٿي آهي؟
(٣) سپاهي ڪِٿي بيهي پَهرو ڏيندا هئا؟
(۴) شواجي مهاراج جو راج تِلڪ اُتسوَ ڪِٿي ٿيو هو؟
(۵) قلعي جيِ ديوار لَسِنِ پَٿرَنِ سان ڇو ٺهرايل هُئيِ؟
(٦) بازار ۾ دُڪان مٿيرو ڇو ٺهيَلَ هوندا هُئا؟

٢. اَچو ته سوچيون.

(١) رائيگَڙھ قلعي بابت توهان ڄاڻ حاصل ڪئيِ، مهاراشٽرا ۾ ٻيا ڪَهڙا قلعا مشهور آهِن. اِها ڄاڻ مائٽَنِ ۽ اُستادَنِ جي مَددَ سان حاصِل ڪَريو.
(٢) پُراڻي زماني ۾ قلعن جيِ ڪَهڙِي اَهمِيَت هُئيِ؟

### ۳. جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| (۱) مُکيہ مَنتري | (۱) مَتيرا دُڪان |
| (۲) تَلاءُ | (۲) رائبَزُڙهہ قلعو |
| (۳) بازار | (۳) پيشوا |
| (۴) مهاڙ ڳوٺ | (۴) گَنگا ساگر |

## پاڙهہ ڪَرِيان - پاڙهہ سِکان

### ۱. چؤکُنبدي مان مُناسب لَفظ چونبدي خالَ ڀَريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| محلات | مضبوط | لشڪر | بازار |

(۱) اَسان ڪالهہ .................. مان ڪيترين ئي شيون خَريد ڪيون.

(۲) قلعي جون ديوارون ........................ هونديون آهن.

(۳) وڏو ........................... ڏِسي مان اَچرج ۾ پئجي ويس.

(۴) ديش جي رکشا ڪرڻ لاءِ .................. هميشهہ تيار هوندو آهي.

### ۲. ’دروازو‘ لفظَ ۾ چار اَکر آهن. ’د ‘، ’ر‘، ’وا‘، ’زو‘ اِنهن اَکرن سان نوان لفظ تيار ٿِي سگهن ٿا.

مِثال - در، وار، زور، دوا اَهڙي نموني ’دربار ‘ لفظ جا اکر کم آڻي نوان لفظ ٺاهيو.




هدايتون : ماستر شاگردن کي قلعن جي اَهميت سمجهائِيندو. مهاراشٽر جي ڀين مُکيہ قلعن بابت ڄاڻ ڏيندو ۽ ڪنهن هڪ قلعي بابت لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

٣. هيٺين جا عدد بدلايو.

قلعو، پهاڙ، دروازو، دوست، عمارت، گهوڙو

۴. هيٺِيون ٽُڪر پڙهو ۽ لِکو. اُن جو سِرو ٻُڌايو ۽ لِکو.




پُڻي کي ڏکڻ جي راڻي چيو ويندو آهي. مهاراشٽر پرانت جو هيءُ شهر اِتهاس ۽ کيترين ئي خوبين سبب ڪافي اَهميَت وارو آهي. پيشوائُن جي وقت ۾ گاديءَ جو هَنڌُ هو. هِنَ شَهرَ کي شواجي مهاراج جي جَنم ڀومِي ۽ ڪَرَم ڀومي سڏبو آهي. مُڙا مُنا ندين جي سنگَم تي اَڏيَلَ هِنَ شَهرَ کي تَعليمي نَگرِي بہ سَڏِيو ويندو آهي، ڇو تہ هِتِ ڊيڪَن ڪاليج، ايس.پي. ڪاليج، فرگيوسَن ڪاليج، ميرا ڪاليج، واديا ڪاليج، ڀانڊارڪر اِنسٽيٽيوٽ آهِن. فِلِمِ اِنسٽيٽيوٽ، پونا يونيورسِٽي، کڙڪ واسِلا ڊئم، راشٽريہ رڪشا اَڪادمي، شنيوار واڙا، سارس باغ، پيشوا پارڪ، سمپاجي پارڪ، ساڌو واسواڻي دادا درشن وغيره کيترائِي اِستان ڏسڻ جَهڙا آهِن.

# وياڪرڻ

پڙهو ۽ ڌيان ۾ رکو.

## ضَمِير

١. رام ۽ شيام چيو ’اَسان بازار وَڃِي رَهيا آهيون.‘
٢. هَريش راجيش کي چَيو ”تون اَڄُ ضَرورُ اَچِجِ.“
٣. راڌا اِسڪوُل مان واپِس آئِي. هِنَ ماءُ کي اِسڪوُل جو حال اَحوال ڏِنو.
۴. ڪاجل مون اَڄُ اِنعام ڪَٽِيو.

پهرئين جُملي ۾ ’اَسان‘ لفظُ رام ۽ شيام لاءِ ڪَمُ آندو ويو آهي.
ٻئين جُملي ۾ ’تون‘ لَفظُ راجيش لاءِ چَيو ويو آهي.
ٽئين جُملي ۾ ’هِنَ‘ لَفظُ راڌا لاءِ ڪَمُ آندل آهي.
چوٿئين جُملي ۾ ’مون‘ لفظُ ڪاجل لاءِ لِکيل آهي.
رام، شيام، راڌا، ڪاجل اِهي لفظَ ’اِسم‘ آهن ۽ اَسان، تون، هِن ۽ مون اِهي لفظَ ضَمير آهِن.
اِسمَ بدِران اِستعمال ٿِيندڙ لفظَ کي ’ضَمير‘ چئبو آهي.
مثال : مان، تون، توهان، ڪير، اَسين، ڪُجهه، هوُ، اُهي وغيره.

- هيٺ ڏنل جُملَن مان ضَمير چوندي ليِڪ پايو.

(١) توهان سَڀُ قَطارَ ۾ بيهو.
(٢) هُنَ سَنگيتَ جو اوُچ اَڀياس ڪيو.
(٣) هوُ ٻه اُٺي ڪَڙو ٽِيو ۽ هيٺ لَهي آيو.
(۴) تون ۽ مان سُپاڻي گُهمَڻَ هَلَنداسِين.
(۵) اَسين هِمتَ نه هارِينداسِين.

# ١٨. سُندر سِکيائون

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



اُٿِجِ ٻارَ مُنهِنجا صُبُحَ جو سَويرَ
ڪَجانءِ ڪِينَ ڪَڏهِين اُٿَڻَ ۾ اَويرَ
سَدا صافُ سُٿِرو رکِجِ توُن بَدَنَ کي،
اَدَبَ سان نِمائِجِ سَدا سِرُ وَڏنِ کي،



پَڙهَڻَ سان سَدائِين رکِجِ چاهُه مِنِڙا،
وَڏَنَ جِي اِها ئِي اَٿئِي راهه مِنِڙا.
گُروءَ جي سَدائين توُن آگيا ۾ رَهِجانءِ،
ڪَڏهِن ڪِينَ کَهرو توُن ڪنهِن سان بہ پَئجانءِ،
رکِجِ يادِ ڳالهِيوُن اِهي توُن سَدائين،
وِسارِجِ نہ ڪَڏهِين سُنو ٻارُ آهِين.





هدايتون : ماستر شاگردن کي ڪويءَ جي ڪلپنا دواران پاڻ کي ننڍڙن ۾ عُمرءِ وَڏڙن سان ڪيئن هلڻ گهرجي، ٻارن کي مثالن دواران سمجهائيندو. ماستر شاگردن کي سُندر سکيائن جي اهميت ٻُڌائيندو. گُڻ اَوَگُڻ ۾ فرق سمجهائيندو.

۱. اَچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لِکون.

(۱) توھان صُبُحَ جو ڪَھڙي ٻَجي اُٿندا آھِيو؟

(۲) اِسڪولَ ڪَھڙي وَقت ويندا آھيو؟

(۳) بَدنَ جي صَفائي ڪيئَن ڪَندا آھيو؟

۲. اَچو تہ سوچيون.

(۱) ٻارَن ۾ سُٺا چار گُڻ ٻُڌايو.

۳. ھيٺين لَفظَن کي گُڻ ۽ اَوگُڻ ۾ وِرھايو.

(۱) سَچُ ڳالھائِڻ

(۲) سُستي ڪَرَڻ

(۳) اِيمانداريءَ سان ڪَمُ ڪَرَڻُ

(۴) ٻيَنِ کي چيڙاھڻ

(۵) وَقتَ اَنوُسارِ ڪَمَ ڪَرَڻُ

(٦) ماءُ پيءُ کي پيري پَوَڻُ

۴. ھيٺين سوالن جا جواب لِکو.

(۱) ماءُ ٻارَ کي اُٿَڻَ بابَت ڇا چوي ٿِي؟

(۲) ماءُ ٻارَ کي وَڏَنِ سان ڪَھڙي ريت ھَلَڻَ جي صَلاحَ ڏئي ٿِي؟

(۳) پيءُ ٻارَ کي پَڙھَڻَ بابت ڇا چوي ٿو؟

(۴) ٻارَن کي گروءَ سان ڪيئَن ھَلَڻُ گھرجي؟

۵. ھيٺين جُملَنِ ۾ خال ڀري جُملا وَري لِکو.

(۱) ڪجانءَ کين ڪَڏھين اُٿَڻ ۾ ......................

(۲) ...................... سان نِمائِجِ سَدا سِرُ وَڏَنِ کي.

(۳) ڪَڏھن کين ...................... تُون ڪَنھِن سان بہ پئجانءَ.

٦. ھيٺين لَفَظَنِ جا ساڳي معنيٰ وارا لَفَظَ لِکو.

ڇَڳو، سدا، بَدَنُ، اَدَبُ، ويرُ، چاھُ، کَھرو، اَوير

# پاڙ ڪَرِيان - پاڙ سِکان

**١.** برئڪيٽ ۾ صَحيح لاءِ ✓ ۽ غلطِ لاءِ ✗ نِشان ڪَرِيو.

(١) اَسان کي وَڏنِ جيِ عزتَ ڪَرَڻُ گهُرجي. (   )

(٢) اِسڪوُل ۾ دير سان پهُچَڻُ گهُرجي. (   )

(٣) پڙهڻَ ۾ چاهه وَٺڻُ گهُرجي. (   )

(۴) سَڀِني سان مِٺو ڳالهائِڻُ گهُرجي. (   )

**٢.** هيٺِ ڏِنلَ خاڪي مان لَفَظ ڪٽِي جُمِلا ٺاهِيو.

| | | |
|---|---|---|
| (١) مان | | (١) وَڃو ٿا. |
| (٢) توهان | اِسڪول | (٢) وَڃي ٿي. |
| (٣) راجيش | بازار | (٣) وَڃي ٿو. |
| (۴) راڌا | | (۴) وَڃان ٿو. |

مثال (١) مان اِسڪوُل وَڃان ٿو.

(٢) مان بازار وَڃان ٿو.

**٣.** سُٺَنِ وِيچارَنِ جا ٻہ چارٽَ تيار ڪَرِيو.









# لَفظِي جوڙيُن جي راندِ

پڙهو، لِکو ۽ ڌيان ۾ رکو.

١) پَرَ - پَنَکَ
پُر - پَرِيلُ

٢) ڪوٽُ - پاڻَ جو وستر
ڪوٽُ - قِلعو

٣) ٽُڪرُ - حِصو
ٽَڪرُ - جَبَلُ

٤) هارُ - مالها
هارَ - ناڪاميابِي

٥) رِٿَ - سُجهاءُ
رَٿُ - گاڏِي

٦) ويرُ - دُشمني
ويرُ - بَهادُرُ

٧) وَرُ - گهوٽُ
وَرُ - وَردانُ

٨) جَلدُ - تُرتُ، يَڪدَمُ
جُلدُ - پوش (ڪَوَرُ)

٩) ڪَنڊُ - حِصو
ڪَنڊُ - ڪَمَندَ مان نهندڙ مِني شيءِ

١٠) ٻُڌي - سَمجهه
ٻَڌِي - ايڪتا

١١) پِٽ - ديوار
پَٽُ - لَٻي

١٢) موج - لَهرَ
مؤج - آنند

١٣) واٽَ - رستو، دَڳُه
واٽَ - طَرِيقو

١٤) سارُ - تاتپرج
سارَ - سنڀال

١٥) ڳُجهه - راز
ڳِجهه - هِڪُ پَکِي - سِرڻ

١٦) نِمُ - وڻَ جو قِسمُ
نَمُ - آلو

١٧) وَٽُ - ڏيئي جي جوتِ
وَٽ - ڌانهن
وَٽُ - وَزن ماپو
وَٽُ - رُٻاب

# ١٩. ٻار ۽ موبائيل فون

پڙهو ۽ سَمجهو.



اَڄُ آرتوار آهي. گهرَ جا سَڀُ ڀاتِي ڊائننگ ٽيبلِ تي گڏ ويٺا آهِنِ. مَهيشِ پَنهِنجي ڌَرمپَتنِي وَرِشا، ڌيءَ آشِنا ۽ پُٽ جيتيش سان گڏ موڪلَ جو مَزو وَٺي رَهيو آهي.

مَهيش : واهه! پارت ڪِرڪيٽ ميچ کَٽِي ويو.

جيتيش : ها! مون به اِها خَبرَ موبائيل فون تي ڏِٺي.

ديدِي! توکي خَبرَ آهي موبائيل فون تي هِڪ نئِين گيمِ آئِي آهي. مون کي ته ڏاڍو مَزو اَچي ٿو.

آشِنا : بَسِ ڪَرِ! مون کي توسان نه ڳالهائڻو آهي.




وَرِشا : آشِنا! ڇا آهي! ڇو ٿي جيتوءَ سان وڙهين!

آشِنا : مَمي! جيتوُ اِسڪول مان اَچَڻ سان توهان جو موبائيل فون کڻندو آهي. گهروُ ڪَمَ بہ بَرابَرِ ڪونہ ٿو ڪري.

مَهيش : بابا! پاڻَ ۾ نہ وڙهو.
آشِنا، اَڄ توُن ايترو موبائيل لاءِ ڇو ٿي ڳالهائين. توکي خَبرَ آهي اِن مان ڪيترا فائدا بہ آهِن.

آشِنا : پپا! توهان صَحيحَ آهيو. موبائيل مان تَمامُ گهڻا فائدا آهِن. اِنٽرنيٽ جي مَددَ سان دُنيا پاڻ ۾ ڳنڍجِي پيئي آهي. پر اُن جي گهڻي اِستعمال مان نُقصان بہ ٿي سَگهَنِ ٿا.

ورِشا : آشِنا! پر توکي نٿو لَڳي تہ تون جيتوءَ سان وڌيڪَ وڙهين ٿي.

آشِنا : نہ مَمِي! بِلڪُل نہ. ڪالهہ اَسان جي ڪاليج ۾ پروفيسر رامچنداڻيِ آيو. هُن موبائيل جي اِستعمال بابتِ تَمامُ سُٺي ڄاڻَ ڏِني. مُنهنجون تہ اَکيون کُلِي ويون.





**مهيش :** واهه! توهان جي ڪاليج ۾ سَماج جي مسئلَنِ تي اَهڙا گهٽيئيِ پروگرامَ ٿِيندا آهِنِ.
ها! آشِنا تون ڪُجهه ٻُڌائي رَهِي هُئِينءَ!

**آشِنا :** ها دادا! پروفيسر سائِنس جي ترقيءَ بابتِ ٻُڌائيندي، موبائيل فون جا فائدا ٻُڌايا.

**جيتيش :** ها دِيدي! ٻُڌايو! ٻُڌايو!

**آشِنا :** شاباسِ! مُنهِنجا نَنڍڙا ياءُ!
ها! پروفيسرَ چَيو تہ اَڄُ اَسِين ڪِٿي بہ وَڃون، ٽِرين ۾ هُجون، بَسِ ۾ توڙي گهَرَ ۾ اڪيون موبائيل ۾ لڳيون پيون آهِنِ. موبائيل جِي روشِنيِ اکين تي سِڌو اَثر ڪَري ٿِي. اَڄُ نَنڍِنِ نَنڍِنِ ٻارَنِ کي بہ چِشمو لَڳَلُ آهي، ڇو تہ موبائيل مان نِڪرَندڙ ترِوِرا دِماغَ کي نُقصانُ پَهُچائِين ٿا. اَڳُ ٻارَ ڪِتابَ پڙهڻَ جا شوَقِين هوُندا هُئا. آکاڻِيون ٻُڌندا هُئا. اَخباروُن پَڙهندا هُئا. ڪامِڪسِ ڏِسَندا هُئا. ٻاهِرِ اَڱڻَ ۾ رانڍِيون ڪَندا هُئا.

**مَهيش** : ها آشِنا! اسان ننڍي هوندي اَلاَئي گهڻيون رانديون کيڏندا هئاسين؛ سَتَ ڪُٽَ، اِتي ڏَڪَرُ پِٽ، پِتاڙي سُرمي ڏاڍي، وَنجهه وَٽي، اهي رانديون ڪندي ڏاڍو مَزو ايندو هئو.

**وَرِشا** : اَسان بہ ننڍي هوندي جامُ رانديون ڪيون آهِن؛ اِسي موري، ڦِرِ ڦِرِ سونٽو، نوڙيءَ راند، نِڪري راند، بيٺَ گُڏي؛ اَسين سَڀُ ساهيڙيون مِلي ڪَري ڏاڍو مَزو ڪَندا هُئاسين. سَچُ اِهو آهي تہ رانديون ڪَرڻَ سان سُٺي ڪَسرَتَ ٿي ويندي آهي.

**آشِنا** : پَرَ اَڄُ اِسڪولي بارُ هُجي يا ڪاليج جو شاگردُ. موبائيل فون ڪان سواءِ سَڀَ جي زِندگي اَڌوري ٿِيو پوي. پورو ڏينهُن موبائيل ۾ رُڌلُ هُئَڻَ ڪَري اَسين بِهترين ڳالهِيُنِ ڪان مَحرومُ ٿا رَهجي وَڃون.

**مَهيش** : بِلڪُل صَحيحَ!

**آشِنا** : پروفيسر اِهو پڻُ چَيو تہ گاڏي هَلائيندي فون تي ڳالهائڻَ سَبَبِ بہ حادِثا ٿِيندا آهِن. اَڄُ اَسين قُدرتِي نِظارَنِ ڪان پَري ٿي ويا آهيون.

**مَهيش** : آشِنا! پروفيسر بَرابَر چَيو آهي. اَسين اَڄُ ڪان سَڀُ موبائيل فون جو صَحيحَ نَموني ئي اِستعمال ڪَنداسين.

**جيتيش** : مان اَنجامُ ٿو ڪَريان تہ اَڄُ ڪان موبائيل گيمِ بَندِ! مان پڙهائيءَ ڏانهُن ڌيان ڏِيندُسِ!



**هدايتون :**

(١) ماستر اهو سبق ننڍڙي ناٽڪ جي روپ ۾ ٻارن ڪان اداڪاري سمجهائيندي ڪرائيندو.

(٢) ماستر ڪلاس جا ٻہ گروهہ ٺاهي 'موبائيل فون مان فائدا ۽ نقصان' وشيہ تي ٻارن ڪان رايا پڇندو.

(٣) سڀني ٻارن کي اهو ذهن نشين ڪرايو تہ گهرن ۾ موبائيل فون جو فقط صحيح استعمال ٿيڻ گهرجي.

(٤) ماستر سبق جي ڏکين لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڳولهڻ لاءِ چوندو.

١. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لِکون. 

(١) جيتيش اِسڪول مان اَچَڻ سان ڇا ڪندو آهي؟

(٢) پروفيسر رامچنداڻيءَ ڪِهڙي ڄاڻ ڏِني؟

(٣) موبائيل فون سَبب دِماغَ تي ڪِهڙو اَثر پوي ٿو؟

(۴) جيتيش ڪِهڙو اَنجامُ ڪيو؟

٢. خال ڀريو.

(١) ڀارت ...................... ڪٽي ويو.

(٢) ........................ جي مدد سان دنيا ڀاڻ ۾ ٻَڌجي پيئي آهي.

(٣) پروفيسر ............ ترقيءَ بابت ٻڌائيندي موبائيل فون جا فائدا ٻڌايا.

(۴) رانديون ڪرڻ سان سُٺي ................ تي ويندي آهي.

٣. ڪَنهِن، ڪَنهِنکي چيو.

(١) ”اَسان ٽَٽِي هوُندي اَلائي ڪهڙيون رانديون ڪيون.“

(٢) ”اَڄ اَسين قُدرتي نِظارَن کان پَري ٿي ويا آهيون.“

۴. (الف) عدد بدلايو.

مَزو، خَبَر، ٽون، فائدا

(ب) ضِد لِکو: نئون، نقصان، روشني، اَڌوُرو

۵. هيٺِيان لَفظ ڪَمِ آڻي نَوان جُمِلا ٺاهيو.

تَرقي - ڪَسِرَت - حادِثو - اِستعمال

٦. ڳول مان مناسب لَفظَ چوُنڊي خال ڀَريو.

(١) صُبح جي وقت سِج جا ................ چِمڙيءَ هيٺان وِٽامِن-ڊي ٺاهيندا آهن.

(٢) اَڄ ميدانَ تي رانِدين ۾ ڏاڍو ................ آيو.

(٣) هرش قدرتي نظارا ڏسڻ ۾ ڏاڍو ............. آهي.

(۴) .................. ڪانسواءِ سَڄُ ڀَڃُ اوندهہ آهي.

مَزو، ترورا
چشمو، شوقين
ڀڙهائي

# ٢٠. نَنڍِڙا ڀارتواسِي

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



چا تہ اَسانجو ساهَسُ آهي؛
ڪيرُ اَسان سان سِينو ساهي،
دُشمَنَ جي سَپُ آڪَڙِ لاهيوُن؛
نَنڍِڙا ڀارتواسِي آهِيوُن.

دِلبر ديشُ اَسانجو پيارو؛
آهِہ اَکِينِ جو روشَنُ تارو،
سَرِسُ ساهَہ کان اُن کي چاهِيوُن؛
نَنڍِڙا ڀارتواسِي آهِيوُن.

ديسَ جو مانُ وَڌائِڻَ وارا؛
ديسَ جو شانُ بَچائِڻَ وارا
اَسين اَمَنَ جا باني آهِيوُن،
نَنڍِڙا ڀارتواسِي آهِيوُن.

ديسُ اَڏڻَ لَئِہ پاڻُ پَتوڙِيوُن؛
مِحنَتَ کان مُنهُن مورِ نہ موڙِيوُن،
پَنهنجي قِسمَت پاڻَهي ناهِيوُن؛
نَنڍِڙا ڀارتواسِي آهِيوُن.

(۱) اَچو تہ ٻالهِہ ٻولهِہ ڪَرِيُون ۽ لِکون.

۱. دُشمن جي اَکِرَ لاهِڻَ لاءِ اَسان ۾ ڇا آهي؟

۲. نَنڍِڙو پارتواسي ديِسَ کي ڇا ٿو سَمجهي؟

۳. ديش اَڏَڻَ لاءِ اَسان کي ڇا ڪَرڻُ کپي؟

(۲) اَچو تہ سوچيُون.

۱. هيمو ُ ڪالاڻيءَ تي پَنجَ جُملا لِکو.

۲. ڪِنِ بہ پَنجَنِ ديش ڀڳَتَنِ جا نالا لِکو.

(۳) هينيَنِ لَفظَنِ جي معنيٰ لِکي جُملَنِ ۾ ڪَمُ آڻيو.

سينو ساهُڻُ، اَکِرَ لاهِڻُ، مُونهنُ موڙَڻُ، پاڻَ پَتوڙَڻُ، اَمَنَ جا باني

(۴) مِثال سمجهي هَم آوازي لَفَظ ڳولهي لِکو.

مِثال : آهي - ساهي

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ۱. چاهِيوُن | - | | ۲. مان | - | |
| ۳. پيارو | - | | ۴. پَتوڙيوُن | - | |



## پاڻ ڪَرِيان - پاڻ سِکان

(۱) ڳول مان لَفَظ چونڊي نَنڍِڙو بيتُ ٺاهِيو.

| | | |
|---|---|---|
| رڪندُسِ ديَش جو | | مان |
| ڪَندُسِ ديَش جو | | مهان |
| ڏيندُسِ ديَش لاءِ | | شان |
| مُنهنجو پارت | | جان |



**هدايتون :** ماستر شاگردن کي ديش پريم بابت ۽ ديش کي صاف سُٿرو رکڻ بابت سمجهائيندو. ٻارن کان ديش بابت ننڍڙا ننڍڙا سوال پُڇي اُنهن جي ڄاڻ وڌائيندو. بيت مان اَڻ سڃاتل ڏکيا لفظ ڪڍي ڊڪشنريءَ مان اُنهن جي معنيٰ ڳولهڻ لاءِ چوندو.

# ۲۱. مان ڪري سگھان ٿو



## پڙهو ۽ سمجهو.

وندن نالي هِڪُ ٻار هو. هوُ پنهنجي ماءُ پيءُ سان هِڪَ ننڍڙي شَهرَ ۾ رَهندو هو. هوُ جنم کان ئي سورداس هو. هوُ دُنيا کي ڏِسي نہ سَگھندو هو. پَرَ دِل سان مَحسوُسِ ڪَري سَگھندو هو.



هَرِ روز صُبحِ جو سوير وَندن اُٿي اِسڪوُل وَڃڻَ جي تياري ڪَندو هو. هِنَ جي مَمي هِنَ کي بَس اِسٽاپَ تي ڇَڏڻَ ويندي هُئي. هوُ هميشهِ پَنهِنجي اَڇِي لَٺ پاڻَ سان کَڻندو هو. اِسڪوُل ۾ هميشهِ ڌيان سان ٽيچَرِ جي ڳالهِ ٻُڌندو هو ۽ سَڀُ يادِ ڪَندو هو. هوُ ڪِلاس جو سَڀِ کان سُٺو شاگرِدُ هو.



ٻارَ اَڪثرِ حيران ٿي وَندَنِ کان پُڇَندا هُئا، ”تون بِنا ڏِسي سَڀُ ڪَمَ ڪَهڙِيءَ طرَحَ ڪَندو آهين؟“



وَندنِ مُرڪندي چَوندو هو، مان هَرِ ڪَمُ دِلِ سان مَحسوُسِ ڪَري سَگھان ٿو اِنَ ڪري سَڀُ ڪَمَ صَحيح نَموني ٿِيندا آهِنِ.

وَندنِ ڪَڏهن بہ ٻيَنِ تي نہ ڀاريندو هو. پَنهنجا سَڀُ ڪَمَ پاڻَ ڪَندو هو. ٻيَنِ کي پڻُ پڙهائيءَ ۾ مَدَدَ ڪَندو هو. هِنَ کي سَنگيِتَ جو شوق هو ۽ هارمونيم بہ تَمام سُٺو وَڄائيندو هو. جڏهن هوُ اِسٽيج تي ڳائيندو هو سَڀُ ماڻهو خوشِ ٿي تاڙيوُن وَڄائيندا هُئا.

هِڪ ڏينهن اِسڪوُل جي ساليانِي پروگرامَ ۾ وَندنِ هِمَٿَ ۽ اُميدَ تي گيتُ ڳايو، هِنَ جي گيتَ سَيِني جي دِلِ ڇُهي وَرتي. ٽيِچر چَيو، ”وَندنِ“ دُنيا نہ ڏِسي سَگهي ٿو، پَرَ اَڄُ سَڄي دُنيا وَندنِ جي طاقَت ڏِسي رَهي آهي.

وَندنِ ثابِت ڪيو تہ جِسماني ڪَمزوري، ڪَمزوري نہ آهي، پَرَ هِمَٿَ ۽ پاڻَ ۾ وِشواسَ جي نِشاني آهي.

سِکيا:- جِسماني ڪَمزوريءَ وارا ماڻهو ڪَمزور نہ هوُندا آهِن، پَرَ اُهي پاڻَ ۾ طاقتوَرِ ۽ خودمُختيارِ آهِن.

(١) اَچو تہ ڳالهِ ٻولهِ ڪَريوُن ۽ لِکون. 

١. ٻارَ ڪَهِڙي ڳالهِ تي حيرانِ ٿيندا هئا؟

٢. اِسڪوُل وَڃڻَ وقت توهان ڪَهِڙي تياري ڪَندا آهيو؟

٣. توهان گهرَ ۾ مائٽَنِ جي ڪيئَن مَدَدَ ڪَندا آهيو؟

(٢) مِثالَ سَمجهي خالَ ڀَريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : تياري | - | تياريون | اُميد | - |
| مثال : دُنيا | - | سَنسار | پيروسو | - |
| مثال : بَسِ | - | بَسِ اِسٽاپ | ريل گاڏي | - |

(٣) سَبق مان ڏِيا لَفظ ٻُولهي اُنهن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ٻُولهي لِکو.

(٤) توهانجي اِسڪول ۾ جِسماني ڪمزوريءَ وارو شاگِردُ هُجي ته توهين اُن جي مَدَدَ ڪيئَن ڪندا؟

(٥) هيٺيَن لَفظَن مان جُملا تيار ڪري لِکو.

۱. مَحِسوُس　۲. ڪمزوري　۳. حيران　۴. مَدَدَ

(٦) هيٺين ٽُڪرَ ۾ مُناسب جَڳهيُن تي بيهڪ جون نِشانيون ڏيو.

اَڙِي تون رَستو ڪيئن تو پار ڪرين وندن اَڪثر وندن ڪان پُڇَندا هئا وندن مرڪندي چوندو هو مان هَرِ ڪَمُ دِل سان مَحِسوُس ڪري سَگهان تو اِن ڪري سَپُ ڪَمَ صَحيحَ نَموني ڪيندا آهِن

(٧) هيٺيَن لَفظَن جا ضِدَ لِکو.

وَڃڻُ، سُنو، نَنڍڙو، خوش

(٨) رانديگر سُچاٽو ءِ اُن بابت لِکو.




هدايت : ماستر شاگردن سان دويانگ ٻارن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو ءِ اُنهن کي مدد ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.

# ٢٢. جادوگر

ٻڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.






جادوگر اِسڪول ۾ آيو،
سَڀِني کي ڏاڍو وِندرايو.
نالو هِنَ جو مِسٽر پال،
ڏيکاريو هُنَ ڪَري ڪمالُ.
خالي ٽوپيءَ کي لوڏائي،
ڇَڏِيو گُلَنِ جو ڍيرُ لَڳائي.
لَڪُڻ زورَ سان هُنَ لوڏايو،
طوطو هِڪِڙو اُڏامندو آيو.
ماسترَ کان هِڪُ پَنو گهُرايو،
نئون اُنهيءَ مان نوٽ بَڻايو.
خالي هِڪَ پيٽي آندائين،
ٻَڌي پاڻَ کي اَندرِ وِڌائين.
جنتا مان هِڪُ ماڻهو آيو
پيٽيءَ کي هُنَ ڪُلفُ لَڳايو.
پيٽيءَ ۾ جو بَندِ ٿيو هئو،
ماڻهن جي وِچِ ۾ ويٺو هئو.
ٻارَنِ کي هُنَ خوبُ کِلايو،
جادوگر اِسڪول ۾ آيو.

## (۱) اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

۱. جادوگر اِسڪول ۾ اَچي ڇا ڪيو؟

۲. ڪنهن ڪمال ڪري ڏيکاريو؟

۳. لڪڙ لوڏائڻ سان ڇا ٿيو؟

۴. ماڻهن جي وچ ۾ ڪيرُ ويٺو هو؟

## (۲) جواب ٿوري ۾ لِکو.

۱. خالي پيٽيءَ واري گهٽنا پنهنجن لفظن ۾ لِکو.

## (۳) 'جادوگر' ڪوتا جو تاتپرج لِکو.



## اَچو تہ گيان وڌايون

'طوطو' لفظ ۾ 'طو' ٻہ دفعا ڪمُ آيلُ آهي. اَهڙي نَموني مِثال سَمجهي هيٺِ ڏِنلَ چؤڪُنڊي مان مُناسب لَفظَ ڳولهي جواب لِکو.

| |
|---|
| ڊوڊو، ڪوڪو، ڏوڏو، کوکو، ٽوٽو |

مثال :- اَڪ جو تارو / ٻِڄ جو ڪوپو — ڏوڏو

۱. ننڍِي ڪِلي / ڪن ۾ پائڻ جو زيور — ____

۲. نُقصان — ____

۳. مانيءَ جو قسم — ____

۴. سامان رکڻ جو ساڌن — ____


هدايت : ماستر شاگردن کان جادوگر جي کيلن بابت سندن آزمودا پڇندو.

نمستي ٻارو!

جيڪڏهن توهانکي نيڪ نٿو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان چُپ ڪري نہ ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو ڀاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.

٢. اُن کي ٻڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.

٣. توهان نئشنل ڪميشن فار پروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،
توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو
توهانکي ''خراب'' نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هي بَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشاني ۾ يا
مُنجهيل يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليف ۾ آهيو يا پيو ڪو ٻار ..............
فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!
اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!

CHILD LINE 1098 NIGHT & DAY

چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فري
ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن
چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان
(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهيِ آهي.

نئين سماج ڏانهن
Towards a new dawn

# राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।



مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

बालभारती इयत्ता तिसरी (सिंधी माध्यम)

₹ 68.00